ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 13 ڊسمبر 2025ع 21 جمادي الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (120)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

دهشتگردي جو نئون خطرو افغانستان مان اڀري رهيو آهي، عالمي برادري طالبان تي دٻاءُ وڌي: وزيراعظم

2025ع کي امن جو بين الاقوامي سال قرار ڏيڻ سٺو سنگ ميل آهي، پاڪستان عالمي امن لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، تڪرارن جو پرامن حل پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو ٿنڀ آهي

پاڪستان جي حمايت سان غزا ۾ امن منصوبو منظور ٿيو، جنگبندي لاءِ سهڪار تي سعودي عرب، قطر، ترڪيه، گڏيل عرب امارتن، اردن ۽ ايران جا ٿورائتا آهيون، غزا ۾ امن لاءِ ڪوششون جاري آهن

سلامتي ڪائونسل جو ٺهراءُ 2788 پاڪستان جي ويزن جي تائيد ڪري ٿو ۽ وچ اوڀر ۾ ڏکيي مدي واري جنگبندي ۽ انساني بنيادن تي امداد ضروري آهي، پائيدار امن ۽ پائيدار ترقي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن

ترقي يافته ٽيڪنالاجيز تائين منصفاڻي پهچ لازمي آهي، مالي شموليت ۽ عورتن کي معيشت ۾ شامل ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي، موسمياتي تبديلي ۽ اڻبرابري ترقي پذير ملڪن جا وڏا چئلينج آهن

موسمياتي تبديلين جي ڪري ٿيندڙ نقصانن سان لسرندڙ ملڪن کي مشڪلاتون درپيش آهن، اسان کي ٻوڏ جي ڪري وڏي پيماني تي جاني ۽ مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو آهي

اسان ماليات شموليت جي شعبي ۾ اڳڀرائي سان گڏوگڏ عورتن ۽ ڪمزور طبقن کي اقتصادي ڌارا ۾ آڻڻ جي لاءِ موثر قدم کنيا آهن: وزيراعظم شهباز شريف جو اشڪ آباد ۾ عالمي امن فورم کي خطاب

اشڪ آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته دهشتگردي جو نئون خطرو افغانستان کان اڀري رهيو آهي عالمي برادري افغان حڪومت تي ذميوارين جي ادائيگي لاءِ دٻاءُ وڌي. ترڪمانستان جي شهر اشڪ آباد ۾ عالمي امن فورم کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته 2025ع کي امن جو بين الاقوامي سال قرار ڏيڻ سٺو سنگ ميل آهي هن چيو ته پاڪستان بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان ايراني صدر جي ملاقات، ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ تي اتفاق

ترڪمانستان ۾ ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پيز شڪيان ۽ وزيراعظم شهباز شريف وچ ۾ ملاقات ٿي

ايران پاڪستان سان پنهنجي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو خواهشمند آهي، ٻنهي ۾ پراڻا لاڳاپا آهن: ايراني صدر

اشڪ آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ ايران جي صدر مسعود پيز شڪيان ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي لاءِ باقاعده اعليٰ سطحي ملاقاتون ۽ مشاورت جاري رکڻ تي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف جون اشڪ آباد ۾ عالمي اڳواڻن سان خوشگوار ۽ غيررسمي ملاقاتون

اشڪ آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جون امن ۽ اعتماد بابت بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

نئين دهلي جي عدالت عمر خالد جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي

عمر خالد کي سوشل ميڊيا جي استعمال کان پاسو ڪرڻ ۽ مائٽن سان نه ملڻ جو حڪم

نئين دهلي (اي پي پي) نئين دهلي جي هڪ عدالت جواهر لال نهرو يونيورسٽي جي شاگرد اڳواڻ عمر خالد جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ايڊيشنل سيشن جج سمير بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ازبڪستان پاران واپاري هدفن تائين پهچڻ لاءِ اليڪٽرانڪ ڊيٽا انٽرچينج قائم ڪرڻ تي اتفاق

واپار بابت وزيراعظم جي خاص مددگار راڻا احسان افضل خان ازبڪستان جي سيڙپڪاري، صنعت ۽ واپار بابت نائب وزير شوروخ غلاموف سان ملاقات ڪئي

ٻئي ملڪ فعال طور تي هڪ نمايان طور تي وسيع مصنوعات جي فهرست کي حتمي شڪل ڏئي رهيا آهن: نائب وزير شوروخ غلاموف

تاشقند (اي پي پي) واپار بابت وزيراعظم جي خاص مددگار راڻا احسان افضل خان گذريل ڏينهن ازبڪستان جي سيڙپڪاري، صنعت ۽ واپار بابت نائب وزير شوروخ غلاموف سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اشڪ آباد: وزيراعظم شهباز شريف عالمي ڪانفرنس ۾ شريڪ مختلف ملڪن جي سربراهن سان گڏ گروپ فوٽو ۾ بيٺل آهي

سنڌ حڪومت هارين جي بهتري ۽ مضبوط زرعي معيشت جي قيام لاءِ پرعزم آهي: وڏو وزير

کين وقت سر قرض، جديد ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي رهنمائي ذريعي سهارو ڏيون ٿا ته هو پيداوار ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا

اسان کي پراڻن طريقن کان نڪري موسمياتي طور لچڪدار ۽ مارڪيٽ سان هم آهنگ فصلن ڏانهن وڃڻو پوندو

سبسڊي ۽ امداد جي تقسيم ۾ شفافيت، درستگي ۽ بروقت مدد کي يقيني بڻايو وڃي: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه زراعت کاتي جي اجلاس جي صدارت ڪندي زور ڏنو ته صوبي ۾ فصلن جي پيٽرن کي آهستي آهستي اهڙي ريت تبديل ڪيو وڃي جو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سجاول ۾ بزرگ شهري سان پيش آيل واقعي جي مڪمل جاچ ڪئي ويندي: گهرو وزير

جنهن به هن سان بدسلوڪي ڪئي آهي ان خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي

اي چالان جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۽ سسٽم بهتر بڻائڻ لاءِ جامع ڪميٽي ناهي ٺهي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي جي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ٻارن جي اسمگلنگ ۽ دستاويزن ۾ ڇيڪٽاڙ واري ڪيس ۾ صارم برني جي ضمانت جي درخواست رد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس تسنيم سلطانه تي ٻڌل ٻه بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

آمريڪي يونيورسٽي ۾ فائرنگ، هڪ شاگرد مارجي ويو

نيويارڪ (اي پي پي) آمريڪا جي رياست بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ انتظاميه پاران روس تي سخت پابندين بابت بل تي موقف بابت ڪانگريس کي آگاهه ڪرڻ جو اعلان

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي واپاري نمائندي جيميسن گريئر چيو آهي ته ٽرمپ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان سان يمن جو سفير محمد متحر الاشبي ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ويجهو هاءِ ڊارينڊڙ حادثو، اسلام ڪوٽ واسي زال مڙس ۽ سندس پٽ فوت

شادي تقريب ۾ ويندڙ خاندان جي تيز رفتار گاڏي موٽر وي تي بيٺل ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي

حادثي ۾ اشوڪ سندس زال سيتا ۽ نوجوان پٽ ساحل پٽ اشوڪ ٿڌي تي ئي فوت ۽ هڪ پٽ زخمي ٿي پيو

مون پنهنجي پيءُ کي چيو ته ننڊ اچي پئي پر بابا موٽڪي گاڏي هلائڻ جو چيو: حادثو ڪندڙ زخمي نوجوان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سپر هاءِ وي ايم-9 موٽر وي تي هڪ تيز رفتار گاڏي بيٺل ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ گاڏي ۾ سوار زال، مڙس ۽ هڪ پٽ ٿڌي تي فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سجاول ۾ سنڌ حڪومت پاران کلي ڪچهري ۾ پ پ اڳواڻ جي شڪايت ڪندڙ تي تشدد، احتجاج

صوبائي وزير شائينا بلوچ آڏو پيپرسن رجب ميمڻ دانش ملڪاڻي خلاف دانهيون ته ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو ويو

واقعي خلاف پيپرسن جو سياسي سماجي ۽ مذهبي ڪارڪنن سان گڏجي احتجاج، انصاف جو مطالبو

حملو ڪندڙن جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري پيپرسن سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

سجاول (رپورٽ هدايت ڪلي) سجاول ۾ صوبائي وزير شائينا بلوچ جي کلي ڪچهري ۾ زمين جو پاڻي بند ڪرڻ جي شڪايت ڪرڻ تي بدترين تشدد جو نشانو بڻجندڙ پيپرسن رٽائرڊ ملازم رجب ميمڻ ۽ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اباڻي زمين تي دانش ملڪاڻي ڪوڙا ڪاغذ ٺهرائي قبضو ڪيو آهي: رجب ميمڻ

سجاول: منهنجي زمين جاتي تعلقي ۾ آهي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

کلي ڪچهري دوران بدنظمي جو ايس ايس پي عليانا راڄپر نوٽيس ورتو

پوليس جهيڙي جو چار سجاولن ۽ 12 نامعلومن خلاف ڪيس داخل ڪيو

جوابدارن رضا محمد، ولي محمد، صبغت الله ۽ نورمحمد جت کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

سجاول : گذريل ڏينهن صوبائي وزير شاهينا شير علي جي سجاول ۾ کلي ڪچهري ۾ بدنظمي ڪندڙ ۽ جهيڙي جو سجاول ٿاڻي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

بدين ۾ صوبائي وزير ناصر شاهه پاران کلي ڪچهري ۾ منشيات خلاف دانهن بعد پوليس ايڪشن

کلي ڪچهري ۾ پراڻي جيالي امير حسن ڪوسي آئيس، چرس، سفينا وڪرو ڪندڙن جون دانهون ڏنيون

صوبائي وزير جي هدايت بعد ايس ايس پي جي حڪم تي بدنام منشيات فروش عمر دل چرس سميت گرفتار

بدين (ڊ ر) صوبائي وزير ناصر شاهه جي کلي ڪچهري ۾ پراڻي جيالي امير حسن ڪوسي پاران بدين ۾ منشيات آئيس چرس سفينا وڪرو ڪندڙن جيان وڪامڻ واري دانهن تي صوبائي وزير پاران ايس ايس پي بدين کي منشيات فروشن خلاف سخت قدم کڻڻ لاءِ چيو جنهن بعد ايس ايس پي قمر رضا بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اي پي اين ايس پاران ڊان ميڊيا گروپ جا سرڪاري اشتهار بند ڪرڻ تي ڳڻتي ظاهر

ڊان جا صوبائي توڙي وفاقي حڪومتن جا اشتهار گذريل 13 مهينن کان بند ڪيا ويا آهن

اهو نه صرف ناانصافي آهي پر ڊان کي پنهنجي پاليسي تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ جو عمل آهي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) اي پي اين ايس حڪومت پاران ڊان ميڊيا گروپ جا اشتهار مڪمل طور تي بند ڪرڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ اي پي اين ايس چيو آهي ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ڊان نيوز ۽ ڊان گروپ جي ٻين ميڊيائي ادارن جا اشتهار بند ڪيا بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

تاشقند: وزيراعظم جو واپار ۽ صنعتن بابت ڪوآرڊينيٽر احسان افضل ازبڪستان جي سيڙپڪاري ۽ صنعت واري نائب وزير شاهه رخ غلاموف سان ملي رهيو آهي

سنڌ جي ساموندي ضلعن ۾ قدرتي آفتن کان بچاءُ لاءِ 540 مليين ڊالر جا ٻه منصوبا منظور

ايشيائي ترقياتي بئنڪ سرڪاري ادارن ۾ سڌارن ۽ قدرتي آفتن کان بچاءُ لاءِ منصوبا منظور ڪيا، 400 مليين ڊالر نتيجن جي بنياد تي ڊئل قرض ايس او اي ٽرانسفارميشن پروگرام لاءِ مختص

سنڌ ڪوسٽل ريزيلينس سيڪٽر پروجيڪٽ لاءِ140 مليين ڊالرز جو رعايتي قرض ڏنو ويو. ايس او اي سڌارن وارو پروگرام بنيادي مسئلن جي حل لاءِ اهم اڳڀرائي آهي: بينڪ عملدار

هي پروگرام سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ ملڪي معيشت جي مضبوطي ۾ مدد ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو: پاڪستان بابت ڪنٽري ڊائريڪٽر ايما فان

نيشنل هاءِ ويز اٿارٽي جهڙن وڏن ادارن جي بهتر جوڙجڪ ۽ تجارتي بنيادن تي استحڪام کي ترجيح ڏني ويندي، هي سرڪاري شعبي ۾ سڌارن لاءِ ڀرپور مڪمل طور نتيجن سان ڳنڍيل قرض آهي

ايشيائي بئنڪ ڪيترن سالن پاڪستان جي مدد ڪري رهي آهي، نتيجن تي ٻڌل حڪمت عملي گورننس، ادارن جي صلاحيت، ڊجيٽلائيزيشن، روڊ سيفٽي ۽ مالي پائيداري ۾ وڌيڪ بهتري ايندي

اسلام آباد (م د) ايشيائي ترقياتي بئنڪ سرڪاري ادارن ۾ سڌارن ۽ سنڌ جي ساموندي ضلعن ۾ قدرتي آفتن کان بچاءُ لاءِ 540 مليين ڊالر جا ٻه منصوبا منظور ڪري ورتا. اي ڊي بي طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب، 540 مليين ڊالر مان 400 مليين ڊالر نتيجن جي بنياد تي ڊئل قرض بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

بنون ۾ پوليس چوڪي تي دهشتگردن جو حملو ناڪام

جوابي ڪارروائي دوران پوليس جا 5 بهادر جوان معمولي زخمي ٿيا

پشاور (اي پي پي) بنون جي ٿاڻي هويد جي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وچ ۾ ڦاهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار 16هين سر بني ياس فورم ۾ شرڪت ڪندو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

9 مئي ڪيسز: شاهه محمود قريشي جي ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي 19 ڊسمبر تائين ملتوي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت 9 مئي تي باهيون ڏيڻ ۽ ڀڃ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اين ايف سي ايوارڊ خيرات نه حق آهي، ميرٽ اسان جي ترجيح رهي آهي: نوازشريف

گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير کي اين ايف سي ايوارڊ تحت فنڊز ڏنا وڃن: نوازليگ جو صدر

ملڪ ۾ عام چونڊون هجن يا صوبائي، اسان ڪڏهن به ميرٽ تي سوديبازي ناهي ڪئي

اسان جو پارلياماني بورڊ سڀني اميدوارن کي ٻڌڻ کانپوءِ ٽڪيٽ جو فيصلو ڪري ٿو: لاهور ۾ پارٽي اڳواڻن کي خطاب

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ (ن) جي صدر ۽ اڳوڻي نواز شريف چيو آهي ته اين ايف سي ايوارڊ خيرات نه حق آهي، وزيراعظم چونڊي ته گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير کي اين ايف سي ايوارڊ تحت فنڊز بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ بنانس ڪارپوريشن مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪري ڇڏيون

انهن قدمن تحت 2 ارب آمريڪي ڊالرن تائين جي اثاثن کي شامل ڪرڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ جي ڪيپيٽل مارڪيٽس کي مضبوط بڻائڻ ۽ عالمي سيڙپڪارن تائين بهتر رسائيءَ لاءِ جديد مالياتي ٽيڪنالاجيز مان فائدو کڻڻ جي سلسلي ۾ ناڻي واري وزارت ڪالهه دنيا جي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران عالمي اڳواڻن سان گڏ ترڪمانستان جي مستقل غيرجانبداري جي پاليسي جي علامت 'يادگار غيرجانبداري' جو دورو

اشڪ آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

جنرل فيض حميد جي سزا ڪنهن حڪومت يا پارٽيءَ جي فتح ناهي: طارق فضل

هي فيصلو ملڪ جي آئين ۽ قانون جي فتح آهي، ايندڙ سياست تي ڏور رس نتيجا پوندا

انهي فيصلي ملڪ جي هاڻوڪي سياسي بحران جي سببن کي واضح ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته جنرل فيض حميد جي سزا بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف ترڪمانستان جي 30 سالا مستقل غيرجانبداري جي سالگرهه جي حوالي سان منعقد فورم ۾ شرڪت لاءِ پهتو

اشڪ آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ملڪي معيشت جي استحڪام کي برقرار رکڻ اٽل آهي: ناڻي وارو وزير

اسٽينڊرڊ چارٽرڊ بئنڪ پاڪستان جي بورڊ جي وفد ڪرسٽوفر پارسنز جي قيادت ۾ ناڻي وزير سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ تعاون لاءِ نجڪاري، پرڏيهي سڌي ريت سيڙپڪاري ۽ عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽس تائين رسائي جا معاملا شامل

حڪومت سيڙپڪاريءَ جي راهه ۾ موجود رڪاوٽون خاص ڪري ٽيڪسيشن ۽ توانائيءَ جي شعبي جا مسئلا حل ڪري رهي آهي: محمد اورنگزيب

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته ڪلي معيشت جي استحڪام کي برقرار رکڻ ۽ ان کي سيڙپڪاري ۽ روانگي واپار تي ٻڌل اوسر ۾ تبديل ڪرڻ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: رٿابندي ۽ ترقي واري وفاقي وزير احسن اقبال جي صدارت ۾ سينٽرل ڊوليپمينٽ ورڪنگ پارٽي جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڀارت: بس کاهيءَ ۾ ڪرڻ جي نتيجي ۾ 9 ڄڻا فوت، 29 زخمي

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي آنڌرا بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

جمون ۾ ڪشميري شاگرد جو لاش هٿ

جمون (اي پي پي) ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير مان هڪ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت قائد عوام شهيد ذوالفقار ڀٽو جي فلسفي تي عمل ڪري رهي آهي: شرجيل ميمڻ

حڪومت جا صوبائي وزير عوام جي درن تي وڃي مسئلا ٻڌن پيا ۽ انهن کي حل به ڪيو ويندو آهي

کليل ڪچهرين ۾ عوام کي گهرايو ويندو آهي، اهو ناهي پڇيو ويندو ته ماڻهو ڪهڙي پارٽي سان واسطو رکن ٿا

پيپلز پارٽي عوام جي ووٽن سان اسيمبلي ۾ ايندي آهي، اسان عوام جي خدمت تي يقين رکندا آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ جا سمورا وزير هر ضلعي ۾ عوامي مسئلا ٻڌي رهيا آهن ۽ هر شهر ۾ کليل ڪچهري بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

قطر سان واپار وڌائڻ خطي ۾ خوشحالي ۽ معاشي استحڪام يقيني بڻائڻ آهي: گورنر

سنڌ جي پرڪشش شعبن ۾ سيڙپڪاري فوري منافعو ۽ محفوظ ڪاروباري ماحول جي ضمانت ڏئي ٿي

ڪامران ٽيسوري جو قطر جي قومي ڏينهن جي موقعي تي منعقد تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري قطر جي قومي ڏينهن جي موقعي تي منعقد ڪيل تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. قطر جي قونصل جنرل Nayef Shahein Alsulaiti ۽ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سريلنڪا جي ٻوڏ متاثرن لاءِ پاڪستان کان اين ڊي ايم اي جي ٽين امدادي کيپ ڪولمبو پهچي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان حڪومت طرفان سريلنڪا ۾ هاڻوڪي ٻوڏ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

سنڌ جا سمورا ميڊيا هائوسز صحافين لاءِ حفاظتي تربيت ۽ لائف انشورنس کي يقيني بڻائين: اعجاز ميمڻ

سنڌ حڪومت پاران قائم صحافين جي تحفظ واري ڪميشن جو اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو

آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي جي نمائندگي قاضي اسد عابد ۽ پي ايف يو جي جي نمائندگي مظهر عباس ڪئي

اجلاس ۾ صوبي اندر صحافين سان لاڳاپيل واقعن تي غور ويچار، پوليس جي رپورٽن جو جائزو ورتو ويو

صحافين جي انشورنس، سيفٽي ٽريننگ ۽ گهٽ ۾ گهٽ اجرت لاءِ صحافتي تنظيمن سان رابطو ڪيو ويندو: چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران قائم صحافين جي تحفظ واري ڪميشن جو اجلاس چيئرمين اعجاز احمد ميمڻ جي سربراهيءَ ۾ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ سيڪريٽري داخلا جي نمائندگي ڪندي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير راڻا تنوير حسين سعين قومي زيتون فيسٽيول ۾ اسٽال ڏسي رهيو آهي

اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ گڏيل عرب امارات جي سفير جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت: نيپرا جي ٽيرف مقرر ڪرڻ خلاف اپيلن تي بجلي پيداوار ڪمپنين کان جواب طلب

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جو اجلاس، ميمبرن پاران مسئلا حل نه ٿيڻ جو دانهون، مختلف معاملن تي بحث

ڪراچي ۾ اي چالان جو مقصد پئسا گڏ ڪرڻ نه پر ٽرئفڪ سسٽم کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش آهي: ضياءَ لنجار

صوبي جي يونيورسٽين لاءِ 41 ارب رپيا رکيا آهن، ڪراچي يونيورسٽي کي 3 ارب نوي ڪروڙ ڏنا پيا وڃن: اسماعيل راهو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سنڌ اسيمبلي کي يقين ڏياريو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ ٽرئفڪ سسٽم کي بهتر بڻائڻ لاءِ مخلصانه ڪوشش ڪري بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

خدا آباد شاخ جي انجنيئر پاران ڪاتيدارن کان رشوت گهرڻ واري وڊيو وائرل

انجنيئر عبدالڪريم خانگي اوطاق تي ڪاتيدارن سان پاڻي ورهاست بابت گڏجاڻي ڪئي

گڏجاڻي دوران آبادگارن کان پاڻي لاءِ هزارين رپيا رشوت طلب ڪرڻ جي وڊيو وائرل ٿي وئي

ٻان سيد آباد (ن ع) خدا آباد شاخ جي انجنيئر پاران ڪاتيدارن کان رشوت گهرڻ واري وڊيو وائرل ٿي وئي آهي. وڊيو ۾ بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: هڪ گهوڙيو هوا سان ڀريل ٻارن جا رانديڪا وڪري لاءِ کڻي اچي رهيو آهي

نوري آباد ويجهو پنج گاڏيون هڪٻئي سان ٽڪرائجي ويون، هڪ ڄڻو فوت

موٽر وي ايم نائين تي پوسٽ آفيس جي گاڏي، ڪار ٽرڪ ۽ فورٽ سان ڀريل مزدائون ٽڪرائجي ويون

حادثي جي نتيجي ۾ پوسٽ آفيس جو ملازم حيدرآباد واسي جاويد اقبال فوت ٿي ويو

نوري آباد(ن ع) موٽر وي ايم نائين تي نوري آباد پوليس ٿاڻي ويجهو حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ پنج گاڏيون هڪٻئي بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

سنڌ يونيورسٽي جي انتظامي آفيسرن کي سنڊيڪيٽ چونڊن ۾ ووٽ ڏيڻ جي اجازت ملي وئي

حيدرآباد هاءِ ڪورٽ پاران جو آفيسرن جي سنڊيڪيٽ چونڊ بابت تفصيلي فيصلو جاري

اليڪشن شيڊول مطابق هڪ مهيني ڪرائڻ ۽ اليڪشن جا نتيجا سيل ڪري عدالت ۾ جمع ڪرائڻ جو حڪم

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ يونيورسٽي ۾ انتظامي بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

اشڪ آباد: وزيراعظم شهباز شريف امن ۽ اعتماد جي حوالي سان گهرايل انٽرنيشنل فورم کي خطاب ڪري رهيو

وزيراعظم جي ترڪ صدر رجب سان ملاقات، مختلف شعبن ۾ تعاون تي ڳالهيون

توانائي، پيٽروليم ۽ معدنيات جي ترجيحي شعبن ۾ ترڪي جي دلچسپي جي آجيان

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ وزارتي سطح تي مذاڪرا تمام جلد ٿيندا: ملاقات ۾ فيصلو

اشڪ آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ترڪيه سان سياسي، توانائي، اقتصادي، دفاع ۽ سيڙپڪاري سميت گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ بيلجيئم ۾ غير قانوني اميگريشن روڪڻ تي اتفاق

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي بيلجيئم جي گهرو وزير سان ملاقات

پاڪستان خطي ۽ عالمي برادريءَ لاءِ هڪ مضبوط ديوار قائم ڪيو آهي: گهرو وزير

برسلز (اي پي پي) گهرو معاملن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري وفاقي وزير محسن نقوي بيلجيئم جي دوري دوران بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سينيٽ کي ڏفيڙ ۽ تڪرار جو ميدان بڻجڻ نه ڏبو: ڊپٽي چيئرمين سينيٽ

سينيٽ چئني صوبن جي برابر نمائندگي تي ٻڌل واحد وفاقي ايوان آهي: سيدال خان

ايوان ۾ قوم جي هيرو خلاف توهين آميز يا منفي ڳالهه جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان چيو آهي ته سينيٽ کي سياسي محاذ آرائي ڪنهن به قسم جي هنگاما آرائي جو مرڪز بڻجڻ نه ڏنو ويندو پارليامينٽ هائوس ٻاهران ميڊيا سان بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اشڪ آباد: وزيراعظم شهباز شريف ترڪمانستان جي صدر سردار بردي محمدوف ترڪي جي صدر رجب طيب اردوان ۽ ايراني صدر ڊاڪٽر مسعود پيزشڪيان سان ملي رهيو آهي

ٿائيلينڊ جي وزيراعظم پارليامينٽ معطل ڪري ڇڏي

ٿائيلينڊ ۽ ڪمبوڊيا جو تڪرار سرحد تي ڇڪرون شدت اختيار ڪري ويون

بئنڪاڪ (اي پي پي) ٿائيلينڊ جي وزيراعظم رڳو 03 مهينا عهدي تي رهڻ بعد پارليامينٽ معطل ڪري ڇڏي جنهن بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

آن لائين هراساني ۽ بليڪ ميلنگ اهم انساني حقن جو مسئلو آهي: آغا فخر حسين

صنف تي ٻڌل ڏوهن کي روڪڻ لاءِ فوري طور تي ادارتي ڌيان جي ضرورت آهي

سنڌ ۾ جامع ڊجيٽل جڳهن تي عورتن جو تحفظ يقيني بڻائڻ لاءِ اسٽيڪ هولڊرز سان تعاون جاري رکندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي انساني حقن واري کاتي ليگل ايڊ سوسائٽي پاران UNFPA ۽ FCDO جي تعاون بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت سکر بئراج جي هائيڊرورولڪ ماڊل اسٽڊي تي ڪم تيز ڪري ڇڏيو

صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو جي صدارت هيٺ پروجيڪٽ بابت اهم اجلاس ٿيو

حڪومت بئراج جي مضبوطي، ٻوڏ کان بچاءُ ۽ آپريشنل ڪارڪردگي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سکر بئراج جي هائيڊرورولڪ ماڊل اسٽڊي تي ڪم تيز ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ امن ۽ امان جي بهتر صورتحال ۾ پوليس جي شهيدن جو رت شامل آهي: آءِ جي

دهشتگردي جي روڪٿام لاءِ سي ٽي ڊي ۽ انٽيليجنس لاءِ اسپيشل برانچ کي مضبوط ڪرڻ ضروري هو

مان پنهنجي نوڪري ۾ اسپيشل برانچ جي ڪمانڊ ڪرڻ چاهيان ٿو: ڊنر تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي سان ۾ اسپيشل برانچ سنڌ پاران منعقد ڪيل ڊنر ۾ شرڪت ڪئي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ريسڪيو اڪيڊمي جي قيام جي باضابطه طور منظوري ڏني وئي

ايمرجنسي ڪائونسل جو چوٿون اجلاس صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت ۾ ٿيو

ريسڪيو اهلڪار جي ڀلائي، تحفظ ۽ انشورنس رياست جي بنيادي ذميواري آهي: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ايمرجنسي ڪائونسل جو چوٿون اجلاس پي ڊي ايم اي هيڊ ڪوارٽر ۾ وزير اعليٰ سنڌ جو بحالي کاتي بابت صلاحڪار گيان چند اسراڻي جي صدارت ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

لاهور: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني اين ميري ٽائيم سيڪيورٽي ورڪشاپ جي خاتمي تي سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي

ڪراچي ويجهو سمنڊ ۾ مڇي مارڻ لاءِ ويل 11 مهاڻا ڀارتي فورسز هٿان گرفتار

ابراهيم حيدري مان هڪڙو اڳ سمنڊ ۾ ويل مهاڻن جي گرفتاري جي تصديق ڪئي وئي

گرفتار ٿيلن ۾ 12 ۽ 15 سالن جا ٻه ٻار به شامل، سندن گهر ڀاتي پريشان، آزاد ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ابراهيم حيدري مان مڇي مارڻ لاءِ ويندڙ هڪ ٻيڙي تي سوار 11 پاڪستاني ماهيگيرن کي ڀارتي ميري ٽائم … بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي عدالت ۾ ڀارتي فلم "ڌرندرا" خلاف ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ درخواست جمع

فلم جي ٽريلر ۽ پروموشن ۾ جون تصويرون، پ پ جو جهنڊو ۽ ريلي جا منظر بغير اجازت استعمال ڪيا ويا: موقف

پ پ کي دهشتگردن جي حمايت ڪندڙ پارٽي طور پيش ڪيو ويو جيڪو غلط ۽ توهين آميز آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت سائوٿ ۾ پ پ ڪارڪن … ڀارتي فلم ڌرندرا خلاف ڪيس داخل ڪرڻ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽينڪر جي ٽڪر سبب 12 ورهين جو معصوم ٻارڙو حياتي وڃائي ويٺو

ڪورنگي جي علائقي جمع گوٺ 100 ڪوارٽر بنگالي پاڙي ۾ حادثو پيش آيو

حادثي ۾ 12 ورهين جو معصوم ٻارڙو فرحان فوت ٿي ويو، واقعي بعد ٽينڪر ڊرائيور فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي جي علائقي جمع گوٺ 100 ڪوارٽر بنگالي پاڙي ۾ ٽينڪر جي ٽڪر سبب 12 ورهين بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بقايا	1	ناڪام

حدن ۾ چوڪي شيخ لنڊڪ تي جمعي ڏينهن فتنہ الخوارج جي دهشتگردن بزدلاڻو حملو ڪيو جنهن کي پوليس جوانن پنهنجي حياتين جي پرواه نہ ڪندي جرئت، بهادري ۽ وقت سر ردعمل جو مظاهرو ڪندي ناڪام بڻائي ڇڏيو. بنوں پوليس جي ترجمان مطابق پوليس جي اثرائتي ۽ ڀرپور جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ دهشتگردن کي وڏي جاني ۽ مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو آهي.

بقايا	2	وزيراعظم

عالمي امن لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. تڪرارن جو پرامن حل پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جو ٿنڀ آهي. هن چيو تہ پاڪستان جي حمايت سان غزا ۾ امن منصوبو منظور ٿيو جنگبندي لاءِ سهڪار تي سعودي عرب، قطر، ترڪيہ، گڏيل عرب امارتن، اردن ۽ ايران جا ٿورائتا آهيون. غزا ۾ امن لاءِ ڪوششون جاري آهن. سلامتي ڪائونسل جو ٺهراءُ 2788 پاڪستان جي ويڙن جي تائيد ڪري ٿو ۽ وچ اوڀر ۾ ڊگهي مدي واري جنگبندي ۽ انساني بنيادن تي امداد ضروري آهي. وزيراعظم چيو تہ پائيدار امن ۽ پائيدار ترقي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. ترقي يافتا ٽيڪنالوجيز تائين منصفاڻي پهچ اهم آهي. مالي شموليت ۽ عورتن کي معيشت ۾ شامل ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي. شهباز شريف چيو تہ دهشتگردي جو ٽئون خطرو افغانستان کان اڀري رهيو آهي. عالمي برادري افغان حڪومت تي ذميوارين جي ادائيگي لاءِ زور وجهي. هن چيو تہ پاڪستان جو صاف ۽ سرسبز ترقياتي ماڊل عالمي مثال آهي. موسمياتي تبديلي ۽ اڻبرابري ترقي پذير ملڪن جا وڏا چئلينج آهن. موسمياتي تبديلين سبب ڪيترن ملڪن کي خطرا درپيش آهن. فورم کي عملي قدمن ۾ بدلائڻ جي ضرورت آهي. دنيا کي گڏجي جمع واري سوچ مان نڪري گڏيل سهڪار اختيار ڪرڻو پوندو ۽ رڳو واپار نہ پر انسانن ۽ خيالن کي ڳنڍيندڙ پُل ٺاهڻ بہ ضروري آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف موسمياتي تبديلي، غربت ۽ اڻبرابري کي دنيا جي لاءِ وڏا چئلينجز قرار ڏيندي چيو آهي تہ جديد ٽيڪنالاجي تائين سڀني جي لاءِ منصفاڻي ۽ بنا فرق جي پهچ لازمي آهي. سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۽ عوام جي ڀلائي پاڪستان حڪومت جي اولين ترجيح آهي. موسمياتي تبديلين جي ڪري ٿيندڙ نقصانن سان اسرندڙ ملڪن کي مشڪلاتون درپيش آهن.

بقايا	3	اتفاق

اتفاق ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪالهہ جمعي ڏينهن ترڪمانستان جي 30 سالا مستقل غيرجانبداري جي سالگرهہ جي حوالي سان منعقد فورم جي موقعي تي اسلامي جمهوريہ ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پيزشڪيان سان ٻطرفي ملاقات ڪئي. خوشگوار ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن هن سال جي شروع ۾ ٻنهي ملڪن کي ٻاهرئين جارحيت کي منهن ڏيڻ جي وقت هڪ ٻئي کي فراهم ڪئي ويندڙ مضبوط حمايت کي ساراهيو. هن سال جي شروع ۾ پاڪ – ايران گڏيل اقتصادي ڪميشن جي 22هين اجلاس جي ڪامياب انعقاد تي اطمينان جو اظهار ڪندي وزيراعظم ٻطرفي واپار جي ڪاٿي کي وڌائڻ سرحدي منڊين کي فعال بڻائڻ سرحدي سلامتي کي مضبوط بڻائڻ ۽ اسلام آباد – بلوچستان ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ جي ذريعي ٻطرفي تعاون کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ ڌرين جي گڏجي ڪم جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو.

بقايا	4	ملاقاتون

عالمي سال غيرجانبداري بابت عالمي ڏهاڙي ۽ ترڪمانستان جي 30 سالا مستقل غيرجانبداري جي سالگرهہ جي حوالي سان اشڪ آباد ۾ منعقد فورم جي موقعي تي عالمي اڳواڻن سان خوشگوار ۽ غيررسمي ملاقاتون ٿيون. ڪالهہ جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم روسي صدر ولاديمير پيوٽن، ترڪ صدر رجب طيب اردوان، تاجڪستان جي صدر امام علي رحمان ۽ ڪرغزستان جي صدر صادر ژپاروف سان غيررسمي ملاقاتون ڪيون. فورم دوران وزيراعظم محمد شهباز شريف عالمي اڳواڻن جي ڌيان جو مرڪز بڻيل رهيو.

بقايا	5	منظور

باجيائي عمر خالد جي ڀيڻ جي شادي ۾ شرڪت لاءِ 16 کان 29 ڊسمبر تائين عبوري ضمانت جي درخواست منظور ڪري ورتي آهي. عدالت ان دوران عمر خالد کي سوشل ميڊيا جي استعمال کان پاسو ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪٽنب، ويجهي رشتيدارن ۽ دوستن کان علاوه ڪنهن ٻئي سان ملاقات نہ ڪرڻ جو بہ حڪم ڏنو.

بقايا	6	اتفاق

ٻنهي طرفن کان وزيراعظم پاڪستان ۽ ازبڪستان جي صدر جي ويڙن موجب ايندڙ ٻن سالن ۾ ٻطرفي واپار کي 2 ارب آمريڪي ڊالرن تائين وڌائڻ جي پنهنجي پختي عزم جو ورجاءُ ڪيو. ملاقات ۾ موجوده ترجيحي واپاري معاهدي (پي ٽي اي) جي فوري توسيع تي اتفاق ڪيو ويو. نائب وزير غلاموف ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ ٻئي ملڪ فعال طور تي هڪ نمايان طور تي وسيع مصنوعات جي فهرست کي حتمي شڪل ڏئي رهيا آهن ۽ توسيع ٿيل پي ٽي اي تي تمام جلد باضابطہ مفاهمت متوقع آهي. رانا احسان افضل دستاويزن کي معياري بڻائڻ ڪسٽم جي طريقيڪار ۽ معائني جي پروٽوڪول کي هم آهنگ ڪرڻ دير کي گهٽ ڪرڻ، واپار کي وڌائڻ لاءِ ڊجيٽل ڪنيڪٽوٽي قائم ڪرڻ جي فوري ضرورت تي زور ڀريو.

بقايا	7	وڏو وزير

آهي موسمي حالتن پاڻي جي دستيابي ۽ مارڪيٽ جي گهرج سان مطابقت رکن هن چيو تہ روايتي طريقي سان پوکيل فصل پاڻي جي کوٽ، مٽي جي خرابي ۽ بدلجندڙ موسمي حالتن سبب هاڻي تيزي سان غير پائيدار ٿيندا پيا وڃن. وزيراعلىٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صوبائي وزير زراعت محمد بخش خان مهر، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ، سيڪريٽري زراعت زمان ناريجو سنڌ بئنڪ جو صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ ڊپٽي چيف ايگزيڪيوٽو اسد شاهہ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ جاري منصوبن ۽ سنڌ جي زرعي شعبي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ايندڙ حڪمت عملي جو جائزو ورتو ويو. زرعي تحقيق: وڏي وزير زراعت کي سنڌ جي معيشت جي ريڙهہ جي هڏي قرار ڏيندي زور ڏنو تہ هن شعبي کي جديد، تحقيق تي ٻڌل ۽ مالي شموليت جي اصولن مطابق ترقي ڏيڻ ضروري آهي. هن چيو تہ اسان جا هاري ڳوٺاڻي معيشت جو بنياد آهن اسان کي گهرجي تہ انهن کي وقت سر قرضن، جديد ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي رهنمائي ذريعي سهارو ڏيون تہ جيئن هو پيداوار ۾ اضافو ڪري سگهن.

بقايا	8	رد

رڪني بئنچ ۾ ٻارن جي اسمگلنگ ۽ دستاويزن ۾ ڇيڪڻ جو ڪيس جي ٻڌڻي دوران عدالت صارم برني جي ضمانت جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي. صارم برني کي بہ سال اڳ ڪراچي ايئرپورٽ تان ايف آءِ اي پاران گرفتار ڪيو ويو هو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ ٽرائل ڪورٽ ۾ جوابدار جي ضمانت رد ڪئي وئي آهي.

بقايا	9	ڳهرو وزير

پوائنٽ آف آرڊر تي جواب ڏيندي چيو تہ سجاول ۾ هڪ بزرگ شهري سان پيش آيل بدقسمتي واري واقعي جي مڪمل جاچ ڪئي ويندي ۽ جنهن بہ هن سان بدسلوڪي ڪئي آهي ان خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي هن چيو تہ عوامي شڪايتن ۽ انساني حقن جي معاملن تي سنڌ حڪومت جو موقف واضح آهي تہ ذميوارن کي قانون موجب جوابده قرار ڏنو ويندو اي-چالان سسٽم بابت مخالف ڌر جي اڳواڻ جي اعتراضن جو تفصيلي جواب ڏيندي ڳهرو وزير اعلان ڪيو تہ اي-چالان جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۽ سسٽم کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ جامع ڪميٽي ٺاهي پئي وڃي جيڪا سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي گڏ کڻي اڳتي وڌندي هن چيو تہ حيدرآباد ۽ ٻين ضلعن ۾ بہ اي-چالان سسٽم کي مرحليوار شروع ڪيو پيو وڃي تہ جيئن ٽريفڪ انتظام کي جديد بنيادن تي ترقي ڏئي سگهجي.

بقايا	10	مارجي ويو

ڪينٽڪي ۾ هڪ يونيورسٽي ۾ فائرنگ سبب هڪ شاگرد مارجي ويو ۽ هڪ شديد زخمي ٿي پيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب پوليس جو چوڻ آهي تہ واقعو فرينڪفرٽ شهر جي سرڪاري يونيورسٽي ۾ ان وقت ٿيو جڏهن هڪ هال ۾ فائنل جو امتحان هلي رهيو هيو اهو واقعو سياري جي موڪلن کان ڪجهہ ڏينهن اڳ پيش آيو آهي. يونيورسٽي جي ترجمان ميڊيا کي ٻڌايو تہ پوليس فائرنگ ڪندڙ شخص کي گرفتار ڪيو آهي سندس چوڻ هيو تہ اهو يونيورسٽي جو شاگرد ناهي بظاهر اهو واقعو ٽارگيٽيڊ نظر لڳي پر وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا	11	اعلان

انتظاميہ جلد ڪانگريس کي ان بل جي حوالي سان صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو موقف ٻڌائيندي جنهن ۾ روس تي پابنديون وڌيڪ سخت ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب هن اها ڳالهہ سينيٽ جي اپروپريشنز ڪميٽي جي ٻڌڻي دوران چئي. ٻڌڻي ۾ لوئزيانا کان سينيٽر جان ڪينيڊي سوال اٿاريو تہ صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪانگريس کي ان بل جي منظوري جي اجازت ڇو نہ ڏني

بقايا	12	فوت

پٽ زخمي ٿي پيو تفصيل موجب گلاب سٽي پوليس ٿاڻي جي علائقي ۾ سپر هاءِ وي ايم-9 موٽر وي تي ناگوري ڪانٽا جي ويجهو تيز رفتار گاڏي رستي تي بيٺل ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت سميت ٻي ماڻهو فوت ٿي ويا ۽ هڪ شخص سخت زخمي ٿي پيو حادثي جي اطلاع ملندي ئي موٽر وي پوليس ريسڪيو 1122 ٽيم ۽ فلاحي تنظيمن جا رضاڪار موقعي تي پهچي ويا ۽ فوري طور تي فوت ٿيلن ۽ زخمين کي گاڏي مان ڪڍيو ۽ فوري طور تي ويجهي پوليس اسٽيشن ۽ بعد ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو حادثي ۾ فوت ٿيندڙن ۾ مڙس زال ۽ هڪ پٽ شامل آهن جڏهن تہ هڪ پٽ زخمي ٿي پيو

بقايا	13	احتجاج

سجاول جي شهري مذهبي ۽ سوسائٽي اڳواڻن جو ماسون لاڏو چوڪ کان پبلڪ پارڪ تائين احتجاج مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي تشدد جو نشانو بڻجندڙ رجب ميمڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ منهنجي زمين جاتي تعلقہ ۾ آهي جنهن تي رئيس دانش ملڪاڻي 8 سالن کان قبضو ڪري پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي هن ڪوڙا دستاويز ٺاهرايان آهن تہ زمين جتن کي وڪرو ڪري ڏيو آهي پر آئون ڪلمو پڙهي ڳالهہ ڪريان ٿو تہ منهنجي مائيناڻي زمين آهي مون وڪرو نہ ڪئي آهي هو زوري مونکان زمين وٺڻ چاهي ٿو مونکي اطلاع ٿيو کهلي ڪچهري آهي اتي آئون پهچي اچا پنهنجو موقف ڏنو تہ مون تي مارڪٽ شروع ٿي وئي ان ۾ منهنجو موبائل ۽ پئسا ڦري ويا

بقايا	14	رجب ميمڻ

جنهن تي رئيس دانش ملڪاڻي 8 سالن کان قبضو ڪري پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي هن ڪوڙا دستاويز ٺاهرايان آهن تہ زمين جتن کي وڪرو ڪري ڏيو آهي پر آئون ڪلمو پڙهي ڳالهہ ڪريان ٿو تہ منهنجي مائيناڻي زمين آهي مون وڪرو نہ ڪئي آهي هو زوري مونکان زمين وٺڻ چاهي ٿو مونکي اطلاع ٿيو کهلي ڪچهري آهي اتي آئون پهچي اچا پنهنجو موقف ڏنو تہ مون تي مارڪٽ شروع ٿي وئي ان ۾ منهنجو موبائل ۽ پئسا ڦري ويا

بقايا	15	نوٽيس ورتو

تي ڪيس داخل سرڪار پاران کلي ڪچهري ۾ بدنظمي ۽ رجب ميمڻ تي

ايس بي پي بينکنگ سروسز کارپوريشن

Invitation No. GSD(PROC-III)/354438/CCTV Solution/2025-26 — تاریخ: 10 دسمبر، 2025

الیکٹرانک پیشکشیں مطلوب ہیں

1۔ ایس بی پی بینکنگ سروسز کارپوریشن (SBP BSC) کو الیکٹرانک پروکیورمنٹ کے لیے پبلک پروکیورمنٹ ریگولیٹری اتھارٹی (PPRA) کے ساتھ رجسٹرڈ ایسے سپلائرز سے "ای۔پاک ایکوزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم" (EPADS) کے ذریعے الیکٹرانک پیشکشیں مطلوب ہیں، جن کے پاس انکم اور سیلز ٹیکس کی رجسٹریشن ہو اور وہ ایف بی آر کی فعال ٹیکس دہندگان کی فہرست (ATL) میں شامل ہوں۔

2۔ ایس بی پی بی ایس سی نے مالی سال 26-2025 کے دوران سی سی ٹی وی سسٹم کی خریداری کے لیے فنڈز مختص کر دیئے ہیں۔ ان فنڈز کی ایک مخصوص رقم اس خریداری کے معاہدے کے تحت موزوں ادائیگیوں کی تکمیل کے لیے استعمال کی جائے گی۔

3۔ EPADS استعمال کرنے کے لیے غیر رجسٹرڈ پیشکش کنندگان پہلے ویب سائٹ https://eprocure.gov.pk پر رجسٹریشن کرائیں۔ رجسٹریشن یا EPADS کے استعمال میں کسی تکنیکی دشواری کی صورت میں ممکنہ پیشکش کنندگان PPRA کی تکنیکی ٹیم سے رابطہ کرسکتے ہیں۔

4۔ پیشکش کی کارروائی پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004 کے قاعدہ (b)36۔سنگل اسٹیج، ٹو انویلپ طریقہ کار اور پبلک پروکیورمنٹ ریگولیٹری اتھارٹی کی طرف سے وقتاً فوقتاً جاری کردہ تمام ضابطوں، انضباطی ہدایات، خریداری کے رہنما اصولوں یا ہدایات کے مطابق عمل میں لائی جائے گی اور یہ تمام ممکنہ پیشکش کنندگان کے لیے کھلی ہے۔

5۔ الیکٹرانک پیشکش کی باضابطہ دستاویزات، جن میں تفصیلی شرائط و ضوابط، وضاحتیں اور تقاضے شامل ہیں، https://portal.eprocure.gov.pk پر EPADS پر رجسٹرڈ پیشکش کنندگان کے لیے دستیاب ہیں۔

6۔ تمام الیکٹرانک پیشکشوں کے ساتھ 1,500,000 روپے (مبلغ پندرہ لاکھ روپے) کی بڈ سیکورٹی کسی قابل قبول شکل میں مثلاً کال ڈپازٹ/ڈیمانڈ ڈرافٹ/پیمنٹ آرڈر بنام SBP BSC لازمی طور پر منسلک ہو۔ ممکنہ پیشکش کنندگان EPADS پر بڈ سیکورٹی کی اسکین شدہ کاپی اپ لوڈ کریں۔

7۔ اصل بڈ سیکورٹی، پیشکش جمع کرانے کے مقررہ آخری وقت پر یا اس سے پہلے پروکیورنگ ایجنسی کے پاس جمع کرانی ہوگی، جس میں ناکامی کی صورت میں الیکٹرانک پیشکش مسترد کردی جائے گی۔

8۔ الیکٹرانک پیشکشیں EPADS کے ذریعے منگل، 30 دسمبر، 2025 کو صبح 11:00 بجے تک یا اس سے پہلے جمع کرائی جاسکتی ہیں۔ دستی پیشکشیں قبول نہیں کی جائیں گی۔ الیکٹرانک پیشکشیں اسی روز منگل، 30 دسمبر، 2025 کو صبح 11:30 بجے، میٹنگ روم، جنرل سروسز ڈپارٹمنٹ، چوتھی منزل، BSC ہاؤس، ایس بی پی بینکنگ سروسز کارپوریشن، آئی آئی چندریگر روڈ، کراچی۔ پاکستان میں عوامی سطح پر EPADS استعمال کرتے ہوئے کھولی جائیں گی۔

9۔ اگر پیشکشیں کھولنے کی تاریخ کسی عوامی تعطیل پر آتی ہے تو پیشکشیں اگلے کاروباری دن اسی وقت اور اسی مقام پر کھولی جائیں گی۔

سینئر جوائنٹ ڈائریکٹر

پروکیورمنٹ ڈویژن III، جنرل سروسز ڈپارٹمنٹ، ایس بی پی بینکنگ سروسز کارپوریشن (SBP BSC)،
چوتھی منزل، BSC ہاؤس، آئی آئی چندریگر روڈ، کراچی۔
فون: 33115462 & 33115480-(92-21) فیکس: 99221176-(92-21)
ای میل: gsd.proc-iii@sbp.org.pk ویب سائٹ: www.sbp.org.pk

PID (K-2049/25)

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LF-PT-PNP-UCH-305903896-2025	HEAT EXCHANGER GASKETS FOR UCH ATA	30.12.2025 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-306343668-UCH-2025	PROCUREMENT OF SPARE PARTS FOR COOLING TOWER	30.12.2025 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-D-305531421-25	HIGH COLLAPSE CASING	12.01.2026 AT 1100 HRS

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/time.
3. Tender Notice/detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.

No. 337/38

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پيپلز پارٽيءَ جو
ڪليل ڪچهرين
وارو ڪلچر بي اثر
ڇو بڻجي ويو آهي؟
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
ڪامياب معاشري لاءِ هر
گهر ۾ هائيپيشيل ڪي
جنم ڏيڻو پوندو!
صفحو 4

برآمدات ۾
مسلسل
گهٽتائي ڇو؟
چوڌري سلامت علي
صفحو 4

اعجاز ممتائي
ملڪ ۾ غربت
جا سبب ۽
انهن جو حل
صفحو 4

سکر ۾ ”نوجوانن سان گڏ بدعنواني خلاف اتحاد . مستقبل جي ديانتداري جي بنياد“ جي موضوع تي سيمينار

قومي احتساب بيورو (نيب) سکر پاران بدعنواني خلاف عالمي ڏينهن جي موقعي تي آگاهي واڪ ۽ سيمينار منعقد ڪيو ويو

بدعنواني سماجي ترقي جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي، خاتمي لاءِ تعليم، تربيت، نظم و ضبط ۽ ميرٽ بنيادي حيثيت رکن ٿا: وي سي

عوامي شڪايتن ۾ شفافيت آڻڻ لاءِ ڪمپليننٽ مينيجمينٽ سسٽم کي جديد دور جي گهرجن مطابق اپ گريڊ ڪيو ويو: ڊي جي نيب

سکر (بيورو رپورٽ) قومي احتساب بيورو (نيب) سکر پاران بدعنواني خلاف عالمي ڏينهن جي موقعي تي ”نوجوانن سان گڏ بدعنواني خلاف اتحاد - مستقبل جي ديانتداري جي بنياد“ جي موضوع تي آگاهي واڪ ۽ سيمينار سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي آڊيٽوريم هال ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن جا خاص مهمان سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جا وائيس چانسلر آصف احمد شيخ هئا. سيمينار ۾ ڊي جي نيب سکر محمد عامر بٽ، ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ، ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي ۽ ڊائريڪٽر گس گمبٽ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي. سيمينار ۾ خطاب ڪندي مهمان خاص ۽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر آصف احمد شيخ چيو ته بدعنواني سماجي ترقي جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي ۽ ان جي خاتمي لاءِ تعليم، تربيت، نظم و ضبط ۽ ميرٽ بنيادي حيثيت رکن ٿا. هن بڌايو ته انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ ڊيڪليميشن، مضمون نويسي ۽ پوسٽر پينٽنگ جي مقابلي ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ست شاگردن لاءِ هوءِ فري شپ جو اعلان ڪري رهيو آهي. ڊائريڪٽر جنرل نيب سکر محمد عامر بٽ سيمينار سان خطاب ڪندي چيو ته بدعنواني رڳو پاڪستان جو نه پر سڄي دنيا جو مسئلو آهي. هن چيو ته بدعنوانيءَ خلاف شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ نيب پاران سڄو سال تعلقه سطح کان وٺي ڊويزن ۽ ريجنل سطح تائين مختلف آگاهي پروگرام ڪرايا وڃن ٿا. ڊي جي نيب بڌايو ته عوامي شڪايتن ۾ شفافيت آڻڻ لاءِ ڪمپليننٽ مينيجمينٽ سسٽم کي جديد دور جي گهرجن مطابق اپ گريڊ ڪيو ويو جنهن جا حوصلا افزا نتيجا سامهون اچي رهيا آهن. ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ خطاب ڪندي چيو ته بدعنواني هڪ ناسور آهي جنهن معاشري جي ڍانچي کي سخت نقصان پهچايو آهي. هن چيو ته سماجي تضادن ۽ خالن کي ختم ڪرڻ بنا بدعنواني کان پاڪ معاشرو قائم نٿو ٿي سگهي. ميئر زور ڏيئي چيو ته بدعنواني خلاف گڏيل مضبوط ۽ لڳاتار آواز اٿارڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته هي چئلينج صرف هڪ فرد يا اداري حل نٿو ڪري سگهي. هن چيو ته مهيني ۾ هڪ يا ٻه آگاهي سيمينار لازمي ڪرايا وڃن ته جيئن سماج ۾ شعور وڌي. هن چيو ته اڄو ڳالهه جي هن ناسور کي معاشري مان ختم ڪرڻ جو عهد ڪريون. ڊائريڪٽر گس گمبٽ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي خطاب ڪندي چيو ته بدعنواني هڪ سماجي بيماري آهي جيڪا ادارن جي ساک ۽ عوامي اعتماد کي سخت متاثر ڪري ٿي. هن چيو ته صرف قانوني ڪارروائي ڪافي ناهي، پر گهر گهر ۽ اسڪول اسڪول وڃي ماڻهن کي بدعنواني جي نقصانن کان آگاهه ڪرڻ ضروري آهي.

سڀ کان وڏو حوصلو بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ ڏنيا: محمد يوسف اعوان

محمد يوسف اعوان قومي فخر جو نشان بڻجي ويو آهي: ارسلان اسلام شيخ

حڪومت سنڌ ۽ اسپورٽس ادارا باصلاحيت نوجوانن جي مڪمل سرپرستي جاري رکندا

سکر (بيورو رپورٽ) ترجمان حڪومت سنڌ، ميئر سکر ۽ پيپلزپارٽي سکر ڊويزن جي انفارميشن سيڪريٽري بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو آهي ته بينڪاڪ ۾ منعقد ٿيل 57هين ايشيائي باڊي بلڊنگ اينڊ فزڪ اسپورٽس چيمپئن شپ 2025 ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندڙ محمد يوسف اعوان قومي فخر جو نشان بڻجي ويو آهي. هن عالمي مقابلي ۾ چين، جاپان، ايران، ڏکڻ ڪوريا، ٿائيلينڊ، ملائيشيا، ويتنام، منگوليا، يو اي اي ۽ ڀارت جي اٺ مضبوط ٽيمز سميت 16 کان وڌيڪ ملڪن جا باڊي بلڊرز شامل هئا. محمد يوسف اعوان نه صرف هن ايشيائي مقابلي ۾ پر ورلڊ باڊي بلڊنگ چيمپئن شپ 2025 ۾ پڻ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندي پنج گولڊ، ٻه سلور ميڊل ۽ ”مسٽر ايشيا“ جو اعزاز حاصل ڪيو. سکر واپسي تي سنڌ شاندار استقبال ڪيو ويو جتي کين قومي هيرو قرار ڏنو ويو. يوسف اعوان پنهنجي ڪاميابي ميئر سکر جي نالي ڪندي چيو ته سندس سڀ کان وڏو حوصلو بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ ڏنيا، جن هر قدم تي ساٿ ڏنو. آخر ۾ ميئر سکر چيو ته حڪومت سنڌ ۽ اسپورٽس ادارا باصلاحيت نوجوانن جي مڪمل سرپرستي جاري رکندا.

جيٺندل ڪوٽ جي قديمي ڳوٺ غلام حيدر جروار جي ڇهه هزار آبادي بنيادي سهولتن کان وانجهيل

ڳوٺ ۾ گرلس پرائمري اسڪول جي غير موجودگي سبب سوين نينگريون تعليم جي زيور کان محروم ٿي ويون

مڪاني انتظاميا، تعليم کاتي ۽ مڌياري جي چونڊيل نمائندن طرفان اسڪول جي قيام لاءِ ڪوبه قدم نه کنيو ويو

اسان جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي، فوري طور نوٽيس وٺي ڳوٺ غلام حيدر جروار ۾ گرلس پرائمري اسڪول قائم ڪيو وڃي: نينگريون

مسوپرڳوڙي (ن ع) ڇهه هزار کان وڌيڪ آبادي تي مشتمل يو سي 22 جيٺندل ڪوٽ جو قديمي ڳوٺ غلام حيدر جروار اڄ جي جديد دور ۾ به بنيادي تعليمي سهولتن کان محروم آهي ڳوٺ ۾ گرلس پرائمري اسڪول جي غير موجودگي سبب سوين نينگرين تعليم کان وانجهيل آهن. سوين نياڻين جو احتجاج، جڏهن ته والدين ۽ رهواسين شديد پريشانيءَ جو اظهار ڪيو آهي ڳوٺ واسين جو چوڻ آهي ته ڪيترائي سال گذرڻ باوجود مڪاني انتظاميا، تعليم کاتي ۽ مڌياري جي چونڊيل نمائندن طرفان اسڪول جي قيام لاءِ ڪوبه قدم نه کنيو ويو آهي نينگرين کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪلوميٽرن جو سفر طئي ڪري پاڙيسري علائقن تائين وڃڻو پوي ٿو جيڪو نه صرف ڏکيو آهي پر ڪيترن ئي خاندانن لاءِ ناممڪن بڻيل آهي نياڻين طرفان اڄ احتجاج ڪيو ويو جنهن دوران هنن چيو ته اسان جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي هنن اعليٰ اختيارين، خاص طور مڌياري جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور نوٽيس وٺي ڳوٺ غلام حيدر جروار ۾ گرلس پرائمري اسڪول قائم ڪيو وڃي، جيئن علائقي جون نينگريون تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم نه رهن احتجاج ڪندڙ نياڻين چيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبو مڪمل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

سرهاري پرسان ڪڏهر جي علائقي ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول وسايو جمالي کي بند ڪرڻ خلاف احتجاج

پرائمري اسڪول کي ٻن ڏينهن کان لوڙهو ڏئي رڪاوٽون وجهي تالا هڻي بند ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاج ڪيو ويو

ايس ايم سي جي چيئرمين طرفان ٻن ڏينهن کان اسڪول جي مين گيٽ اڳيان لوڙهو ڏئي بند ڪري ڇڏيو آهي: شاگرد

شاگردن جا ٽرمنل ايگزامينيشن هلي رهيا آهن پر اهي پيپر ڏئي نا هن سگهيا اهي امتحاني عمل متاثر ٿي رهيو آهي نوٽيس ورتو وڃي

سرهاري (ن ع) سرهاري پرسان ڪڏهر جي علائقي ڳوٺ وسايو جمالي ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول کي ٻن ڏينهن کان لوڙهو ڏئي رڪاوٽون وجهي تالا هڻي بند ڪرڻ واري عمل خلاف استادن شاگردن ۽ والدين پاران اسڪول جي مين دروازي اڳيان سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، تالا بند نامنظور جا نعرا لڳايا ويا اسڪول کولڻ جو مطالبو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن استادن والدين منٺار علي جمالي هيڊ ماسٽر غلام مصطفيٰ جمالي صابر جمالي ارشد جمالي محمد حسن جمالي حبيب الله جمالي ۽ ٻين مظاهرو ڪندي نعري بازي ڪئي هنن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسڪول جي ايس ايم سي جي چيئرمين طرفان ٻن ڏينهن کان اسڪول جي مين گيٽ اڳيان لوڙهو رڪاوٽون وجهي مين گيٽ جي دروازي کي تالا هڻي بند ڪيو ويو آهي جنهن سبب سوين شاگرد تعليم کان محروم ٿي ويا آهن ۽ هي غيرقانوني عمل ڳوٺ جي سوين ٻارن جو مستقبل خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اسان مجبور آهيون ته ٻارن کي ڳوٺ جي مسجد جي احاطي ۾ پڙهائي رهيا آهيون ڇاڪاڻ ته اسڪول مڪمل طور بند پيل آهي جڏهن ته پنج سو کان مٿي شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي اسان ڪيترائي ڀيرا مقامي چونڊيل نمائندن، ڊي سي نوابشاهه ۽ تعليم کاتي کي صورتحال کان آگاهه ڪيو پر افسوس هن وقت تائين ڪير لڳي ناهي آيو ڪنهن نوٽيس ناهي ورتو تعليم کاتو شهيد بينظيرآباد اکيون ٻوٽي ستل آهي شاگردن جا ٽرمنل ايگزامينيشن (Terminal Examination) هلي رهيا آهن پر اهي پيپر ڏئي نا هن سگهيا اهي امتحاني عمل متاثر ٿي رهيو آهي مطالبا مڃرائڻ جا بيا رستا ڪوڙ آهن پر اهو عمل غلط آهي ڪير لڳي ناهي آيو جڏهن ته اسڪول جي شاگردن چيو ته اسان ٻن ڏينهن کان دربدر آهيون، اسڪول کي لوڙهو ڏئي تالا لڳايا ويا آهن اسان کي پڙهڻ نه پيو ڏنو وڃي. اسان ساليانو امتحان ڏئي رهيا آهيون اهي متاثر ٿي رهيا آهن اسڪول فوري طور کولرايو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي اسان جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي ٻئي طرف اسڪول جي ايس ايم سي چيئرمين ۽ پلاٽ هولڊر علي رضا جمالي پنهنجي مؤقف ۾ الزام رد ڪندي چيو ته اسڪول جي تعمير لاءِ سندس ذاتي زمين ڏني وئي هئي پر سرڪاري عملدارن ۽ تعليم کاتي پاران چوڪيدار جي اسامي تي کيل آرڊرن ۾ هن سان شديد ناانصافي ڪئي وئي آهي علي رضا جمالي الزام لڳايو ته ڪورٽ جي حڪم موجب هڪ کان چار اسڪيل پٽي والي چوڪيداري جي اسامي تي مون کي آرڊر مليو هو پر بااثر ماڻهن مبينا طور لکين رپين عيوض منهنجو حق وڪڻي ڇڏيو. منهنجي جاءِ تي ٻاهرين ماڻهن کي آرڊر جاري ڪري مونسان انتهائي زيادتي ڪئي وئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ناانصافي خلاف آواز بلند ڪرڻ لاءِ مون مجبورن اسڪول کي تالا لڳايا آهن مان جلد ڪورٽ جو دروازو کڙڪائيندس. مونسان ٿيل ظلم جو ازالو ڪيو وڃي هوڏانهن معاملي جو موقف وٺڻ لاءِ مسلسل رابطي ڪرڻ جي ڪوشش بعد تعليم کاتي شهيد بينظيرآباد جي ڊي اي او پرائمري ۽ ڊي سي شهيد بينظيرآباد سان رابطو نه ٿي سگهيو.

وگڻ لڳ ڳوٺ ياروديرو ۾ پورهيت جا معصوم ٻار بيمارين ۾ مبتلا

محمد صديق سولنگي پنهنجي خاندان سميت شديد غربت ۽ تنگدستي جو شڪار

غريب خاندان بنا ڇت سخت سياري ۾ کليل آسمان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور

وگڻ (ن ع) وگڻ لڳ ڳوٺ ياروديرو ۾ مسڪين گهراڻي سان تعلق رکندڙ محمد صديق سولنگي پنهنجي خاندان سميت شديد غربت ۽ تنگدستي جو شڪار آهي. محمد صديق جا معصوم ٻار سخت بيمارين ۾ مبتلا آهن جڏهن ته سندس خاندان بنا ڇت سخت سياري ۾ کليل آسمان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي جنهن سبب سندن حالتون وڌيڪ خراب ٿي رهيون آهن. متاثر شخص محمد صديق سولنگي حڪومت سنڌ، ڊي سي قمبر ۽ ايڇ او قمبر ۽ ٻين وارث اختيارين کان اپيل ڪئي آهي ته سندس بيمار ٻارن جو علاج سرڪاري خرچ تي ڪرايو وڃي ۽ خاندان لاءِ فوري طور رهائش جو بندوبست ڪيو وڃي، جيئن هو به ٻين شهرين وانگر محفوظ ۽ باعزت زندگي گذاري سگهي

ٻ پ تعلقه ٽنڊوالهيار جو اجلاس، شهيد راڻي جي ورسي ۾ سوين گاڏين جي قافلي سان شرڪت جو فيصلو

اجلاس ۾ 27 ڊسمبر تي شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي جي حوالي سان ڳالهائي ڪري وڌ کان وڌ گاڏيون ڪڍڻ تي غور ويچار

ٻ پ ڪارڪنن لاءِ گاڏين جي ترتيب ڏني وئي آهي، ٽنڊوالهيار مان سوين گاڏين جو قافلو روانو ٿيندو: غلام قادر دل

شهيد بينظير ڀٽو جمهوريت ۽ ملڪي عوام جي حقن خاطر پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو عوام کيس دل سان محبت ڪري ٿو

ٽنڊوالهيار (ن ر) ٻ پ تعلقه ٽنڊوالهيار جو اجلاس تعلقه صدر غلام قادر دل جي اڳواڻي ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ ٽائون ڪميٽين ۽ يوسين جي عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ اجلاس ۾ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري راجو ناڪر مهمان خاص طور شرڪت ڪئي اجلاس ۾ 27 ڊسمبر تي شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي جي حوالي سان ڳالهائي ڪري وڌ کان وڌ گاڏيون ڪڍڻ تي غور ويچار ڪيو ويو ان موقعي تي تعلقه ٽنڊوالهيار صدر غلام قادر دل، ضلعي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري راجو ناڪر، تعلقه انفارميشن سيڪريٽري شوڪت خاصخيلي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 27 ڊسمبر تي شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ ٽنڊوالهيار مان سوين گاڏين جو قافلو روانو ٿيندو ٻ پ ڪارڪنن لاءِ گاڏين جي ترتيب ڏني وئي آهي هنن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جمهوريت ۽ ملڪي عوام جي حقن خاطر پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو تنهنڪري ملڪ جو عوام شهيد راڻي سان دلي محبت ڪري ٿو سندن مشن تي ڪم ڪندڙ نوجوان چيئرمين کي بڌڻ لاءِ سمورا ٻ پ ٻ ڪارڪن ڳوڙهي خدا بخش وڃڻ لاءِ بيتاب آهن هنن وڌيڪ چيو ته ملڪ جي مسئلن جو حل صرف پاڪستان پيپلز پارٽي وٽ آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي ماءُ وانگر جمهوريت ۽ ملڪي عوام جي حقن جي جنگ وڙهي رهيو آهي اسان کي گهرجي ته سندس ساٿ ڏئي بلاول ڀٽو جا هٿ مضبوط ڪريون ان موقعي تي جلال هڪڙو . سليم لغاري . بشير هاليپوٽو . اشفاق خواجه . نياز سريوال . رفيق انڙ . الهجڙايو شيخ . اسد بکيرو . اعجاز هاليپوٽو سميت وڏي انگ ۾ ٻ پ ٻ ڪارڪن موجود هئا

ماحولياتي تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: ڊاڪٽر گل امير سنبل

انوائرومينٽ پروٽيڪشن ايجنسي ايڪٽ 1997 موجب ماحولياتي قانون نافذ ڪيا ويا

18هين ترميم ڪانپوءِ 2014 ۾ سيپا صوبائي سطح تي مڪمل طور فعال ٿيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ انوائرومينٽ پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) سکر جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر گل امير سنبل سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي دوري دوران ماحولياتي تحفظ ۽ لاڳو قانونن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن موقعي تي صدر محمد خالد ڪاڪيزئي، سينيئر نائب صدر امت ڪمار انوائرومينٽ ڪميٽي جي ڪنوينر عرفان صمد ۽ ٻيا عهديدار پڻ موجود هئا. ڊاڪٽر سنبل چيو ته ماحولياتي تحفظ ڪنهن هڪ اداري جي نه پر اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ڇو ته ماحولياتي تبديليون دنيا لاءِ خطرناڪ صورت اختيار ڪري رهيون آهن. هن بڌايو ته ”انوائرومينٽ پروٽيڪشن ايجنسي ايڪٽ 1997“ موجب ماحولياتي قانون نافذ ڪيا ويا، جڏهن ته 18هين ترميم ڪانپوءِ 2014 ۾ سيپا صوبائي سطح تي مڪمل طور فعال ٿيو. ڊاڪٽر سنبل چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٻن وڏن تعميراتي منصوبن کي اين او سي جاري ڪيا ويا آهن جيڪو ماحول دوست پاليسين ڏانهن اڳڀرائي جو ثبوت آهي. صدر خالد ڪاڪيزئي سيپا جي تعاون کي ساراهيندي چيو ته سکر چيمبر ماحولياتي بهتري لاءِ مڪمل سهڪار جاري رکندو. عرفان صمد تعميراتي صنعت سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ لائسنس جي طريقيڪار بابت رهنمائي جي درخواست ڪئي. جنهن تي ڊاڪٽر سنبل چيو ته گڏيل طور تي هڪ ڪنسلٽنٽ مقرر ڪري آهٽ ڪرايو وڃي ته جيئن لائسنس آسانيءَ سان جاري ٿي سگهي. آخر ۾ صدر ڪاڪيزئي هن مقصد لاءِ 3 رڪني ڪميٽي ڏاهڻ جي تجويز پيش ڪئي جنهن کي شرڪائن ساراهيو.

يونين ڪائونسل اوڏيرولال وليج جو چيئرمين محمد جمن جهيجو لاڏاڻو ڪري ويو

اوڏيرولال (ن ع) يونين ڪائونسل اوڏيرولال وليج جو چيئرمين محمد جمن جهيجو ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جهيڙيندي تحويل علالت بيمار رهڻ بعد 70 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ڳوٺ اوڏيرولال لڳ ڳوٺ ٻهريون ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي ڌرين ۽ شهرين ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته سندس پونئيرن سان ڳوٺ ٻهريون ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي ٻئي پاران سندس لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو ٻئي طرف جمن جهيجو جي لاڏاڻي تي شهرين سياسي سماجي ڌرين پاران گهري ڏک جو اظهار ڪيو

عثمان شاهه هڙي ۾ غلام مصطفيٰ عاقلاڻي سان پٽ جي وفات تي تعزيت

سردار ملڪ سڪندر خان، سيد ضياءَ عباس شاهه رضوي، ذوالفقار ستار بڃاڻي ڏک ونڊيو

صوبائي وزير اسماعيل راهو، ملڪ شفقت خان، ملڪ راڄا ۽ سيد ثمر حسن شاهه رضوي ۾ پهتا

عثمان شاهه هڙي (رپورٽ: اي جي عاقلاڻي) عثمان شاهه هڙي ويجهو ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي ۾ عاقلاڻي جي معزز شخصيت غلام مصطفيٰ عاقلاڻي نوجوان پٽ جي وفات تي سوڳوار خاندان فردن غلام شبيرعاقلاڻي، حاجي امام علي عاقلاڻي، محمد عيسي عاقلاڻي سان تعزيتي سلسلو جاري تعزيت ڪندڙ ۾ پي پي پي ايم پي اي سردار ملڪ سڪندر خان، سيد ضياءَ عباس شاهه رضوي، ذوالفقار ستار بڃاڻي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو، ملڪ شفقت خان، ملڪ راڄا، سيد ثمر حسن شاهه رضوي (چيئرمين سٽي مونسپيل ٽنڊوالهيار) حاجي علي احمد جوکيو (صدر پي ايس 84 مليرگڏاپ) عظيم ڪاچيلو، ماسٽر نياز کوسو، عظيم بروهي، رئيس امداد خان نظاماڻي، سهيل شورو، هادي بخش رند، رئيس اعجاز خان پتافي . وڏيرو راشد حملاڻي برفت . حاجي خان محمد ساند، حاجي روشن ٿيٻو، حاجي خالد حسين ٿيٻو، اسماعيل چچڙ، غلام بلوچ، عزت خان برهماڻي، رئيس ملوڪ خان نظاماڻي، رياض خان بوزدار، صالح ميرجت، معشوق زرداري، قاسم ڪالرو، ڏاڏو صالح ٿيٻو مولوي عبدالشڪور ٿيٻو، وڏيروخدابخش ٿيٻو، محمد عمر ٿيٻو، محمد عثمان چچڙ، سالار ٿيٻو، حاجي ڪريم بخش ٿيٻو، وڏيرو غلام مصطفيٰ پيو ٿيٻو، عبدالعزيز ٿيٻو، حاجي علي حسن ٿيٻو، نصيرجوکيو، محمد اسلم راهو، چوڌري افتخار آرائين، چوڌري آصف آرائين، اسلم جوکيو، رئيس نبي بخش لنڊ، حاجي محمد علي درس، رئيس محمد خان جمالي، سيد امجد شاهه، قيوم ساند مخدوم ميون معروف والهاري، شهزادو عمير جروار (اي سي جهنڊوسري) غلام شبيرميرجت، (مختيارڪار جهنڊوسري) سيٺ غلام بلوچ، وسيم مگريو، جبران حيدري، محمد اڪرم بلوچ، زبير نظاماڻي، مولوي دوست فاروقي، سجاد ميمڻ، وڏيرو غلام محمدٿيٻو سميت سڄي سنڌ آيل معززين شامل هئا.

هندو ڪائونسل حيدرآباد جي سڏ تي اقليتي برادري پاران پارٽي گهرو وزير خلاف احتجاجي مظاهرو

پارٽي گهرو وزير پاران مسلسل پاڪستان مخالف چڙ ڏياريندڙ بيانن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

احتجاج دوران مظاهرين پاران پارٽي گهرو وزير خلاف سخت نعري بازي ڪئي ۽ پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا ويا

پارٽي گهرو زير پنهنجي ملڪ جون ناڪاميون لڪائڻ ۽ انهن تان ڌيان هٽائڻ جي مسلسل ڪوشش ڪري رهيو آهي: اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) هندو ڪائونسل حيدرآباد جي سڏ تي اقليتي برادري پاران پارٽي گهرو وزير پاران مسلسل پاڪستان مخالف چڙ ڏياريندڙ بيانن خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڊاڪٽرامرشي ناڪرميش ڪمار راٺوڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ عورتن ۽ مردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرين پارٽي گهرو وزير خلاف سخت نعري بازي ڪئي ۽ پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته پارٽي گهرو زير پنهنجي ملڪ جون ناڪاميون لڪائڻ ۽ انهن تان ڌيان هٽائڻ جي مسلسل ڪوشش ڪري رهيو آهي. پارٽي فوجي ناڪامين سبب پارت جي اندروني صورتحال انتهائي خراب آهي جڏهن ته پارت ۾ اقليتي برادريون غيرمحفوظ آهن. پارت جي عوام جي پوزيشن انتهائي خراب آهي. هنن چيو ته پاڪستان پنهنجي پرامن پاليسي تي گامزن آهي پاڪ فوج ۽ ٻيا سيڪيورٽي ادارا پنهنجي وطن جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻن ٿا ۽ ڪنهن به ملڪ دشمن اڳرائي جو جواب ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار آهن. هنن چيو ته اسان پنهنجي ملڪ پاڪستان جي فوج ۽ سيڪيورٽي تي فخر آهي جنهن پنهنجي جانين جي پرواهه نه ڪندي وطن عزيز جو دفاع ڪيو آهي هي ملڪ ۽ هي فوج اسان جي آهي ۽ اسان سڀ پاڪ فوج سان گڏ آهيون

ٺٽو ۾ قديمي ڳوٺ وڏيرو وڪيو جاکرو جي رهواسين جو مظاهرو

اسان ڳوٺ 150 گهرن تي مشتمل هجڻ باوجود ڪابه سهولت ناهي: رهواسي

ڳوٺ جا سوين ٻارڙا تعليم کان محروم ٻنجي مال چارڻ تي مجبور بڻيل آهن

ٺٽو (ن ر) يوسي جهمپير يوسي جنگشاهي جي ڦتوجي مڪان جي قديمي وڏي آبادي واري ڳوٺ وڏيرو وڪيوجاکرو جي رهواسين محمد انورجاکرو ۽ ٻين ٺٽي ۾ صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو آهي ته سندن ڳوٺ 150 گهرن تي مشتمل هوندي به سندن ڳوٺ کي چونڊيل نمائندن سميت ضلعي انتظاميه ٺٽو مڪمل نظر انداز ڪري ڪين بنيادي سهولتن کان محروم ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته سندن ڳوٺ جو پرائمري اسڪول ڪيترن ئي سالن کان بند هجڻ ڪري ڳوٺ جا سوين ٻارڙا تعليم کان محروم ٻنجي مال چارڻ تي مجبور بڻيل آهن پر اسڪول تي مقرر استاد اسڪول اچڻ بجاءِ گهر ويٺي پگهارون کڻي سرڪار کي فرنيچر ڪئي تباهه بڻجي ويو آهي. ڳوٺ ۾ پيئڻ جي پاڻي سميت صحت جي به ڪا سهوليت ميسر ناهي ۽ نه ئي ڪين روڊ رستي ڳوٺ ۾ پڪي ين جي ڪا سهوليت ميسر آهي جنهن ڪري رهواسي هن جديد دور ۾ مڙني بنيادي سهوليتن کان محروم بڻيل آهن پر وڏين ڏانهن باوجود تعليم کاتي سميت ڪير به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، هنن چونڊيل نمائندن سميت ضلعي انتظاميه ٺٽو کان گهر ڪئي ته ڪين بنيادي سهولتون مهيا ڪري بند پيل اسڪول کي ڪولرائي استادن کي ڊيوٽي جو پابند بنائي سندن ٻارڙن کي تعليم ڏياري سندن مستقبل سنواري ڇڏيون حال بڻيل اسڪول

شهدادڪوٽ جي ڪچي پل پرسان هاءِ اسڪول پل ستانوي ۾ ثقافتي تقريب

شاگردن تقريرون ۽ ثقافتي رنگن سان ڀريل ٽيبلوز پيش ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي

اهڙا ثقافتي پروگرام قوم جي سڃاڻپ لاءِ ضروري آهن: صدام مگسي / لياقت ڀٽي

شهدادڪوٽ (ن ر) ڪچي پل پرسان هاءِ اسڪول پل ستانوي ڪالهه ثقافتي تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ شاگردن توڙي شاگردياڻين شرڪت ڪري پنهنجي سنڌي ثقافت تي تقريرون ۽ ثقافتي رنگن سان ڀريل ٽيبلوز پيش ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي، ان موقعي تي پل ستانوي اسڪول ۾ ٿيل ثقافتي تقريب ۾ ٽائون ڪميٽي قبو سعيد خان جي چيئرمين مير امتياز بروهي سي ايف سي ڪوآرڊينيٽر صدام مگسي لياقت ڀٽي سميت ٻين چيو ته سنڌ جي تاريخ قديمي اسڪول ۾ ثقافتي تقريب ڪرائڻ جو مقصد ايندڙ نسل جي معمار ۽ پٽ تي پيل ڪچي پل جي پرياسي مان ايندڙ شاگرد ۽ شاگردياڻين کي سنڌ جي ثقافت بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي، هنن چيو ته ثقافتي پروگرام قوم جي سڃاڻپ لاءِ ضروري آهي ۽ ان سان گڏوگڏ اسان کي تعليم تي وڌيڪ توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي ڇو ته معاشري جي اندر تعليم سان ئي تبديلي آڻي سگهجي ٿي ان موقعي تي تقريب ۾ هيڊ ماسٽر نظير احمد کوسو خادم حسين جاگيراڻي استاد عطا محمد کوسو استاد فياض حسين جاگيراڻي استاد عامر کوسو استاد خالد حسين جاگيراڻي سميت ٻين کي ٽوپيون پيش ڪري اجرڪ اوڍايا ويا جڏهن ته سٺي ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي شاگرد ۽ شاگردياڻين ۾ ميڊل ۽ روڪ انعام پڻ ورهايا ويا.

خيرپور جي تعليم کاتي ۾ پروفيسر عبدالسميع پنهيرو وقت کان اڳ ريٽائر ٿي ويو

خيرپور (ن ر) خيرپور جي تعليم کاتي جي سٺو سيڪڙو ايماندار آفيسر پروفيسر عبدالسميع پنهيرو پنهنجي رٽائرمينٽ جي مقرر عمر کان اڳ ئي رٽائرڊ ٿي ويا تفصيل موجب، پروفيسر عبدالسميع پنهيرو پنهنجي دوردوران 8 هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي بنا رشوت، مڪمل ميرٽ تي ، جونيئر اسڪول ٽيچر (JST)۽ پرائمري اسڪول ٽيچر (PST)جي نوڪريون ڏنيون پنهنجي خدمتي دور ۾ هن خيرپور جا سوين بند اسڪول کولرائي روزانو صبح سوير اسڪولن جا دورا ڪري استادن ۽ شاگردن جي حاضري چيڪ ڪئي ۽ تعليمي عمل کي بلڪل صاف ۽ شفاف نموني هلايو. بند اسڪولن کي فعال ڪرڻ لاءِ هن جي ڪوشش کي وڏي ساراهه ملي پروفيسرعبدالسميع پنهيرو کي 2026ع جي آخر ۾ رٽائرڊ ٿيڻ هو پر هن هڪ سال اڳ ئي اعليٰ اختيارين کي رٽائرمينٽ جي درخواست ڏني جيڪا منظور ٿيڻ بعد هن فوراً پنهنجو عهدو ڇڏيو انهن جي وقت کان اڳ رٽائرمينٽ جي خبر تي ضلعي مان سوين استادن سماجي اڳواڻن ۽ تنظيمي ڪارڪنن ڊي اي او سيڪنڊري جي آفيس پهچي ملاقات ڪئي ڪيترائي ماڻهو ملاقات دوران روئي پيا ۽ چيو ته خيرپور کي عبدالسميع پنهيرو جهڙو ايماندار آفيسر ٻيهر ڪڏهن نٿو ملي سگهي

سکر ۾ سماجي برائين ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائي

ايئرپورٽ پوليس اسنيپ چيڪنگ دوران هڪ اهم ڪارروائي ڪئي

گٽڪو ۽ سوپاري سان ڀريل لوڊر رڪشا هٿ، جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويو

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سماجي برائين ۾ ملوث عنصرن خلاف سکر پوليس جو ڪريڪ ڊائون جاري آهي. ٿاڻو ايئرپورٽ پوليس اسنيپ چيڪنگ دوران هڪ اهم ڪارروائي ڪندي گٽڪو ۽ سوپاري سان ڀريل لوڊر رڪشا هٿ ڪيو جڏهن ته ملزم موقع تان فرار ٿي ويو. ايس ايڇ او موجب بچل شاهه مياڻي وٽ شڪي رڪشا کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۾ ڊرائيور رڪشا ڇڏي ڀڄي ويو. تلاشي دوران 100 پيڪٽ نشي آور گٽڪو ۽ سوپارين جا برآمد ڪيا ويا. پوليس چوڻ ٿي ته جوابدار جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ ناڪو بندي ۽ تلاش جاري آهي جڏهن ته سندس خلاف گٽڪو ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ويو آهي. ايس ايس پي اظهار خان پوليس پارٽي کي شاباس ڏيندي هدايت ڪئي ته سماج دشمن عنصرن خلاف ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن.

ڪنڌڪوٽ ۾ بيواهه عورت جو پٽ سميت بااثر خلاف احتجاج

ڪنڌڪوٽ (ن ر) بيواهه عورت غلام صغران پنهنجي پٽ شاهه محمد کوسو سان گڏ ميڊيا سينٽر پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته گلزار احمد کوسو اسان جي جان جي ويري ٿي ويو آهي مون بيواهه ۽ پنهنجي معصوم ٻچڙن کي حراسمينٽ ڪري موت مار ڌمڪيون ڏئي پيو غلام صغران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته منهنجي پٽ کان زبردستيءَ منهنجي ٻائڻ خلاف بيان ڏيارڻ لاءِ زور پريو رهيو آهي اسان جي انڪار تي موت مار ڌمڪيون ڏئي پيو. اڳ ۾ به گلزار کوسو جيڪو گاڇي شاهه ويٺل آهي اسان کان زبردستيءَ ماسي هادي بخش کوسو خلاف بيان ڏياريا ڪيا شاهه محمد کوسو اسين گاڇي شاهه گهمڻ ويا سين ته زبردستي منهنجي پٽ کي شاهه محمد کي يرغمال ڪري ڀاڻ وٽ ويهاري ڇڏيائين آئون گاڇي شاهه جي پوليس اسٽيشن تي ايس ايڇ او کي قرآن پاڪ ڏئي پنهنجي پٽ کي واپس ڪرائي منهنجي حوالي ڪيو شاهه محمد کوسو چيو آهي ته گلزار جي منهنجي مزدوري جا پئسا رکيل

پرياروڊ ۾ فاروق اعظم چوڪ تي بدامني خلاف مظاهرو

شهر ۽ آسپاس ڌوهي سرگرمين ۾ واڌ ٿي وئي آهي: شهري

چورين ۽ ڦورن روز جو معمول بڻيل آهن جنهن سبب عوام ۽ شهري پريشان آهن

پرياسٽي (ن ع) پرياروڊ ۾ فاروق اعظم چوڪ تي بدامني خلاف شهرين حافظ ثناالله بروهي عثمان بروهي حميدالله بروهي شاهد آرائين سرور سيال اصغر سيال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سخت احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته پرياروڊ شهر ۽ آسپاس ڌوهي سرگرمين ۾ واڌ ٿي وئي آهي چورين ۽ ڦورن روز جو معمول بڻيل آهن جنهن سبب عوام ۽ شهري پريشان آهن جڏهن ته پوليس لاعلم بڻيل آهي ايس ايڇ او جي ڪن تي جون نٿي چري پوليس ڏوهارين سان هٿ بڻيل آهي بيوس ۽ لاچار بنجي ويا آهيون هنن چيو ته ڏينهن ڏٺي شهري ثناءَ الله جي موٽر سائيڪل چابي چور ڪاهي فرار ٿي ويا جڏهن ته فتح پور سان دوڪان تي مزدوري ڪندڙ سرفراز سومرو کي يرغمال بنائي ڪيهه هزار روڪ موبائل فون ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا هنن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ايس ايڇ او کي هٽائي فرض شناس آفيسر مقرر ڪيو وڃي

ڪشمور ڊسٽرڪٽ ڪامپليڪس ڪنڌڪوٽ ۾ کليل ڪچهري

کليل ڪچهري ۾ صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي عوام جا مسئلا ٻڌا

گڏيل ڪچهرين ۾ ٻيش ڪيل وڏن مسئلن جو حل ٿيڻ کلي ڪچهري جي ڪاميابي آهي: رياض شاهه

ڪنڌڪوٽ (ن ر) وزيراعلي سنڌ پاران کليل ڪچهري لاءِ جاري شيڊول تي عملدرآمد ڪندي ضلعي ڪشمور ڊسٽرڪٽ ڪامپليڪس ڪنڌڪوٽ ۾ کليل ڪچهري رکي وئي آهي جنهن ۾ سنڌ جو صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ڪنڌڪوٽ پهچي کليل ڪچهري جي اڳواڻي ڪئي ان موقعي تي ضلعي ڪائونسل چيئرمين گل محمد جکراڻي وائس چيئرمين الطاف احمد کوسو ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ آغا شير زمان ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو مير زرياب خان بجاراڻي صوبائي توڙي وفاقي کاتن جي عملدارن ضلعي جي شهري اتحاد تنظيم جي اڳواڻن شهرين ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. کليل ڪچهري ۾ صوبائي وزير ڪچهري ۾ عوام جا مسئلا ٻڌا ۽ جلد حل جي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي چيئرمين گل محمد جکراڻي اجيباڻو پيش ڪيو کليل ڪچهري ۾ سابق بار جي صدر محسن ٻڊاڻ، پريس ڪلب صدر لياقت علي کوسو ضلعي ڪائونسل ميمبر شهري اتحاد صدر ڊاڪٽر مهر چند شهرين ۽ صحافين ضلعي اندر امن امان جي صورتحال قبائلي تڪرار شهر جي ڊرينيج ضلعي ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڪوارٽر اسپتال ڪنڌڪوٽ قبرستان، چيسٽ پين سينٽر جي سهولت، پوليس لائين صحافين ۽ وڪيلن لاءِ ڪالوني، عشر زڪوات جو چيئرمين جي مقرري، بجلي جي لوڊشيڊنگ، ڊاڪٽرن جي غير حاضري، هي اسان جي ضلعي جا اهم مسئلا آهن جن جو حل ٿيڻ لازم آهي ان موقعي تي صوبائي وزير کليل ڪچهري سان خطاب ڪندي چيو ته ٻ پ ٻ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزير اعلي سنڌ جي خصوصي هدايتن تي کليل ڪچهري رکي وئي آهي ته جيئن غريب مسڪينن ۽ هيٺين طبقي جي عوام جا بنيادي ۽ جائز مسئلا سندن جي دروازن تي ئي حل ٿي سگهن گڏيل ڪچهرين ۾ پيش ڪيل وڏن مسئلن جو حل ٿيڻ کلي ڪچهري جي ڪاميابي آهي

سيٺارجا پرسان پاٽي جي واري تان شر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

هڪ ڄڻو کهاڙي لڳڻ سبب سخت زخمي، ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال منتقل

متاثر ڳوٺاڻن جو جوابدارن جي گرفتاري ۽ سيٺارجا پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جي گهر

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد اسماعيل شر ۾ پاٽي جي واري تان شر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو حسين بخش شر کي مٿي ۾ کهاڙي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ان موقعي تي متاثرن غلام رسول، جمالدين قائم علي، مير محمد ، دائم علي، عبدالرزاق ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته جوابدار وزير علي، محمد خان مشاهد ، عابد علي ۽ ٻين اسان جي نوجوان معان کهاڙين جا وار ڪري زخمي ڪري ڇڏيو آهي ۽ سيٺارجا پوليس بااثرن جي چرچ تي الٽو اسان مٿان ڪيس داخل ڪيو آهي جنهن اسان خلاف رڙ ٻاري ڏنو آهي هنن وس وارن کان گهر ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران احتجاج

آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران اڄ 12هين ڏينهن به مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو ويو

يونيورسٽي انتظاميه پاران لطيف يونيورسٽي جي آفيسرن جا جائز مطالبا تسليم نه ٿا ڪيا وڃن: مظاهرين

خيرپور (ن ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران اڄ 12هين ڏينهن به مطالبن جي مڃتا لاءِ ايڊمن بلاڪ آڏو احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن جو صدر سيد منير شاهه راشدي قربان ڀهوڙ عبدالمجيد شيخ رسول بخش ڪوراڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن جي اڳواڻن چيو ته يونيورسٽي انتظاميه پاران لطيف يونيورسٽي جي آفيسرن جا جائز مطالبا تسليم نه ٿا ڪيا وڃن جيڪا سراسر نا انصافي ۽ زيادتي آهي لطيف يونيورسٽي انتظاميه سان هر معاملي ۾ ساٿ ڏنو آهي پر وائس چانسلر اسان جا جائز مسئلا حل ڪرڻ ۾ سنجيده ناهي لطيف يونيورسٽي جا ڪجهه عملدار اسان جا مسئلا حل ٿيڻ ۾ رڪاوٽ وجهي رهيا آهن وي سي انهن خلاف به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن يونيورسٽي جي وائيس چانسلر کان مطالبو ڪيو ته جلد مسئلا حل ڪيا وڃن.

خيرپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر پاران ضياءُ الدين اسپتال جو دورو

ڊي ايس پي پارس بکراڻي ۽ ڊي ايس پي ظهور الحسن سومرو جي عيادت

پوليس کاتي لاءِ ٻنهي آفيسرن جو ڪردار رول ماڊل آهي: الطاف احمد چاچڙ

خيرپور (ن ر) خيرپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ضياءُ الدين اسپتال شڪارپور روڊ سکر پهچي ڌارين جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ڊي ايس پي پارس بکراڻي ۽ ڊي ايس پي ظهور الحسن سومرو جي جلد صحت يابي لاءِ پنهنجي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته پوليس

خيرپور ۾ پرائمري استادن کان ٿيل ڦر واقعي خلاف احتجاج

پرائمري استادن اسڪول بند ڪري اڪنامڪ زون ٽاٽي اڳيان احتجاج ڪيو

استادن کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل موبائيل فون ۽ روڪ رقم واپس ڪرايو وڃي: مظاهرين

خيرپور (ن ر) ٽنڊومستي پرسان گڏريل ڏينهن پرائمري استادن کان ٿيل ڦر واقعي خلاف پرائمري استادن جو اسڪول بند ڪري ٽنڊومستي پرسان گڏريل ڏينهن پرائمري استادن کان ٿيل ڦر واقعي خلاف

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 13 ڊسمبر 2025ع

پيپلز پارٽيءَ جو کليل ڪچهرين وارو ڪلچر بي اثر ڇو بڻجي ويو آهي؟

سنڌ ۾ عوام جا مسئلا هميشه اهم رهيا آهن، پر انهن جي حل لاءِ اختيارين جي ردعمل ۾ وڏو فرق رهيو آهي. ماضيءَ ۾ پيپلز پارٽي سنڌ ۾ عوام سان ويجهو رابطو رکڻ ۽ کليل ڪچهريون منعقد ڪرڻ جي ڪري مشهور هوندي هئي. پيپلز پارٽي جو اهو ڪلچر هو ته عوامي نمائندا نه صرف پنهنجي تڪ جي ماڻهن جا مسئلا ٻڌندا هئا، پر انهن جي حل لاءِ بروقت حڪم به جاري ڪندا هئا. اهڙي طريقي سان عوام کي يقين ڏياريو ويندو هو ته سندن آواز رڳو ٻڌڻ ۾ نه پر عمل ۾ به اهميت رکي ٿو. پاڻي، بجلي، روڊ يا زمين سان لاڳاپيل مسئلا فوري طور تي انتظاميا کي هدايتون ڏئي حل ڪيا ويندا هئا، جنهن سبب شهرين ۾ حڪومت ۽ نمائندن تي عوام جو اعتماد پختو ٿيندو هو. بدقسمتيءَ سان موجوده حالتن ۾ اهڙي عوام دوست ۽ بروقت ڪارروائيءَ وارو ڪلچر ختم ٿي چڪو آهي. تازو سجاول ۾ عورتن جي ترقيءَ واري صوبائي وزير شاهينه شير علي جي کليل ڪچهريءَ دوران پيش آيل پُرتشدد واقعو ان جو واضح مثال آهي. عوامي مسئلن جي حل لاءِ منعقد ڪچهريءَ ۾ هڪ پيرسن رجب ميمڻ، بااثر شخص خلاف شڪايت ڪري رهيو هو ته سندس زمين جو پاڻي بند ڪري قبضو ڪيو ويو آهي. بدقسمتيءَ سان اُتي موجود ماڻهن ۽ بااثر عناصر جي تشدد سبب ماحول سخت ڇڪتاڻ وارو ٿي ويو. بزرگ شهري تي لتن ۽ مُڪن جو وسڪارو ڪيو ويو ۽ کيس زمين تي گهليو ويو. جڏهن ته پوليس وڏي لمڳ ۾ موجود هُئي، پر حملو ڪندڙن کي نه رُڪيو ويو نه وري اُنهن کي گرفتار ڪيو ويو. ان واقعي کان پوءِ صوبائي وزير شاهينه شير علي مجبور ٿي واپس روانو ٿي وئي. پوليس بعد ۾ رجب ميمڻ کي تحفظ ڏئي پوليس موبائل ۾ ويهاري روانو ڪيو. رجب ميمڻ جو چوڻ هو ته بااثر شخص ڪيترن ئي سالن کان سندس زمين جو پاڻي بند ڪري قبضو ڪري رکيو آهي ۽ حق گهرڻ تي کيس بار بار تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي. هن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته سندس جان بچائي وڃي ۽ زمين واپس ڪرائي وڃي.

هي واقعو واضح ڪري ٿو ته موجوده انتظامي ۽ سياسي ماحول ۾ عوام جي مسئلن جي حل لاءِ کليل ڪچهريون صرف ڏيکاءَ لاءِ آهن جتي مسئلا ٻڌڻ جا موقعا ته موجود آهن پر عملدرآمد ۽ بروقت ڪارروائيءَ جو فقدان آهي. پيپلز پارٽيءَ جي اڳوڻي ڪلچر ۾ اهڙي صورتحال ڪڏهن به برداشت نه ڪئي ويندي هئي. ڀٽو صاحب ذوالفقار علي ڀٽو ۽ پوءِ سندس نياڻي بينظير ڀٽو نه رڳو عوام جي پُڪار کي اهميت ڏيندا هئا، پر ساڻن انصاف تائين ماڻهن جي پيروي پڻ ڪندا هئا. اڄ جي حالتن ۾، عوام جو اعتماد گهٽجي چڪو آهي ۽ شهرين ۾ احساس آهي ته بااثر عنصرن جي طاقت ۽ سياسي بي اثر حڪمت عملي سبب قانون ۽ انصاف جو نظام ڪمزور ٿي چڪو آهي. سچ اِهو آهي ته سجاول جو واقعو درس ڏئي ٿو ته سياسي ۽ انتظامي سسٽم کي عوام جي تحفظ ۽ انهن جي مسئلن جي حل لاءِ موثر بڻائجي. عوامي نمائندا ۽ حڪومت کي گهرجي ته کليل ڪچهريون صرف تشهير لاءِ نه پر عملي حل لاءِ پڻ منعقد ڪيون وڃن. مسئلن جي بروقت سجاڻپ، متاثر ٿيل شهرين جي حفاظت ۽ قانوني ڪارروائي حڪومت جي شفافيت ۽ عوامي اعتماد جي ضامن آهي. سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ کي پنهنجو اڳوڻو ڪلچر ياد ڪرڻ گهرجي، جڏهن نمائندا عوام سان ويجهي رابطي ۾ هوندا هئا، ماڻهن جي مسئلن کي اهميت ڏيندا هئا ۽ بروقت حل لاءِ حڪم جاري ڪندا هئا. هاڻي ٻيهر اُن کي لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن موجوده انتظاميا ۽ سياسي قيادت اهڙي عوام دوست طريقي کي اپنائي ته نه رڳو عوام جو اعتماد بحال ٿيندو پر سماجي ۽ سياسي تڪرارن کي گهٽائڻ ۾ پڻ مدد ملندي. اهڙي طريقي سان عوام ۽ سياسي قيادت جي وچ ۾ اعتماد جو رشتو مضبوط ٿيندو ۽ شهري پاڻ کي محفوظ ۽ پنهنجن حقن جو حقدار محسوس ڪندا. عوام جو اعتماد، نمائندن جي عوامي خدمت ۽ قانون جي حڪمرانيءَ تي دارومدار رکي ٿو. سجاول جو واقعو هڪ اهڙي علامت آهي، جيڪا واضح ڪري ٿي ته صرف کليل ڪچهريون ڪافي نه آهن پر انهن کي بروقت ۽ اثرائتي ڪارروائيءَ سان مضبوط ڪرڻ لازمي آهي.

آمريڪا جي فضائن مان

جنرل فيض جي سزا، عمران خان جو مستقبل ۽ طاقت جي راند جو ايندڙ باب

راجا زاهد اختر خانزاده

طاقت جي راند ۾ ڪجهه فيصلا اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪاغذ تي رڳو چند سٽون هونديون آهن، پر ايندڙ ڏهاڪن جي سياست، خوف ۽ اميد جو سمورو نقشو بدلائي ڇڏيندا آهن. ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ فيض حميد کي فوجي عدالت جي طرفان 14 سال قيدِ بامشقت جي سزا ٻڌائڻ به اهڙي نوعيت جو فيصلو آهي. پهرين نظر ۾ هي رڳو هڪ رٽائرڊ جرنيل جي احتساب جو واقعو لڳي ٿو پر ويجهڙائيءَ کان ڏٺو وڃي ته هي فيصلو حقيقت ۾ ٽن ماضين ۽ ٽن مستقبلن جي وچ ۾ کڏيل هڪ نئين لڪير آهي. هڪ ماضي جنرل باجوه جو، هڪ جنرل فيض جو ۽ هڪ عمران خان جو. اهڙيءَ طرح ٽي مستقبل، فوج جو، تحريڪ انصاف جو ۽ پاڪستان جي سياسي توازن جو.

جيڪڏهن هڪ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ کي هن بنياد تي سزا ڏني وئي ته هو سياست ۾ ملوث ٿيو اختيارن جو غلط استعمال ڪيو ۽ رياستي مفاد جي ابتڙ فيصلا ڪري حصو ورتو، ته پوءِ انهن فيصلن مان فائدو وٺندڙ سياسي قوتن تي سوال اٿارڻ لازمي ٿي وڃي ٿو. مظهر عباس سميت ڪيترائي تجزيڪار اڳ ئي انهيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪري چڪا آهن ته جيڪڏهن 2018 جي چونڊن، فيض آباد ڌرڻي يا 9 مئي جهڙن واقعن ۾ هڪ نه پر ڪيترائي ڌريون شريڪ هئا ته پوءِ احتساب کي هڪ چهري تائين ...

...

هي فيصلو پاڪستان کي وڌيڪ جمهوري بڻائيندو، يا وڌيڪ ڪنٽرولڊ؟ ڇا هي عمران خان لاءِ واپسي جو دروازو هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيندو يا کيس هڪ نئين علامتي مزاحمتي ڪردار ۾ بدلائي ڇڏيندو؟ ۽ سڀ کان اهم، ڇا ايندڙ نسل هن ڏينهن کي انصاف جو ڏينهن چوندا يا طاقت جي هڪ ٻي calculated استعمال جو نالو ڏيندا؟

انهن سوالن جا جواب اڃا تحرير نه ٿيا آهن. پر هي طئي آهي ته جڏهن به لکبا، جنرل فيض جي هيءَ سزا، عمران خان جي موجوده قيد، ۽ تحريڪ انصاف جي موجوده سياسي محاصري جي ڪيفيت، تيئي ساڳئي صفحي تي گڏ گڏ درج ٿيندا.

ڪامياب معاشري لاءِ هر گهر ۾ هائپيشيل کي جنم ڏيڻو پوندو!

مير قاسم خان ٽالپر

هائيپيشيا مصر جي شهر اسڪندريه ۾ 360ع ۾ جنم ورتو هن جي والدين جو تعلق يونان سان هو. هن جو پيءُ ٿيون ايگزينڊر اسڪندريه يونيورسٽي جو مشهور ۽ هرڏلعزيز پروفيسر ۽ معروف رياضيدان هو انهيءَ سان گڏوگڏ هو اسڪندريه جي لائبريري جو منتظم پڻ هو. ٿيون کي پنهنجي ڌيءَ هائيپيشيا مان تمام گهڻيون اميدون وابسته هيون هن چاهيو ٿي ته هن جي ڌيءَ مڪمل انسان بڻجي معاشري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. هائيپيشيا ابتدائي تعليم يونان جي شهر ايٿنز مان حاصل ڪئي پيءُ جي رهنمائي ۾ هن آرٽ، ادب، سائنس فلسفي ۽ رياضي جي مضمونن ۾ زبردست دسترس حاصل ڪئي ...

...

بلڪي ضرورت انهي ڳالهه جي آهي ته زبان جي استعمال کي به تبديل ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته ثقافتي طور تي احساسِ ڪمتري پوري وجود کي ختم ڪريو ڇڏي، ليڪن انهيءَ جي باوجود عورت ڪڏهن به شڪست تسليم نه ڪئي حتاڪي هن کي ڊاهيو ويو، ڇپيو ويو، هن جي شخصيت کي ڏڏڪو ڪري پيش ڪيو ويو، ليڪن انهيءَ جي باوجود هن پنهنجي بقا جي لاءِ جنگ جاري رکي ۽ تاريخ ۾ پنهنجو پاڻ کي برقرار رکيو اهڙين عورتن ۾ هائيپيشيل جهڙيون عورتون سرفهرست آهن جن مردن جي دنيا ۾ پاڻ کي مڃرايو، صرف مڃرايو ئي نه بلڪي پاڻ کي انهيءَ منزل تائين وٺي ويئي جو مرد اهو چئي هن سان بغاوت ڪئي ته هيءَ عورت ٿي مردن کي پڙهائي ٿي ياد رکو جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته اوهان جو معاشرو دنيا جي ترقي يافته معاشرن کي منهن ڏئي سگهي ته پوءِ اوهان کي پنهنجي هر گهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هائپيشيل کي جنم ڏيڻو پوندو

ملڪ ۾ غربت جا سبب ۽ انهن جو حل

اعجاز ممنائي

سان جي سماج اندر جيڪڏهن جهاتي پائي ڏسجي ته عام ماڻهو غربت جي دلدل ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿو جنهن مان نڪرڻ بيحد مشڪل ٿي پيو آهي. سامراجي سازش امير کي وڌيڪ امير ۽ غريب کي ويتر غريب ڪرڻ ۾ لڳل آهي. هڪ سروي مطابق هن ...

برآمدات ۾ مسلسل گهٽتائي ڇو؟

چوڌري سلامت علي

هلندڙ مالي سال جي شروعاتي پنجن مهينن دوران پاڪستان جو واپاري خسارو تمام تيزي سان وڌي ويو آهي ڇو ته ملڪ جون برآمدات گهٽجي ويون آهن ۽ ان جي ابتڙ درآمدات وڌيڪ وڌي ويون آهن ان ئي سبب واپاري خسارو 37 سيڪڙو کان وڌي 15.5 ارب ڊالر تائين پهچي ويو آهي شماريات واري کاتي جي جاري ڪيل رپورٽ مطابق، جولاءِ کان نومبر تائين درآمدات وڌي 28.3 ارب ڊالر تائين پهچيون آهن جيڪي گذريل سال جي ساڳئي عرصي جي ڀيٽ ۾ 3.3 ارب ڊالر وڌيڪ آهن يعني لڳ ڀڳ 13.3 سيڪڙو واڌ ٿي آهي ٻئي پاسي ساڳين پنج مهينن ۾ پاڪستان جون برآمدات ...

تمام ڏکيو ٿي پيو آهي هيو وڏو مسئلو اهو آهي ته حڪومت طرفان ٽيڪسن ۾ ڪا گهٽتائي نٿي ڪئي وڃي ۽ نه ئي انٽرسٽ ريٽ (مارڪيٽن مان قرض کڻڻ جي شرح) گهٽايو ويو آهي نتيجي ۾ ڪاروبار هلائڻ جا خرچ وڌيڪ وڌي ويا آهن جنهن جو سڌو اثر برآمدات تي پيو آهي ملڪ ۾ گذريل ڪجهه عرصي دوران ڪيترن ئي ننڍين ۽ وڏين ڪمپنين جو جزوي يا مڪمل بند ٿي وڃڻ جو اهم سبب به اِهو ئي آهي ته بجلي، گيس ۽ ...

ملي سگهيو ساڳي طرح ايڪسپورٽ فسيليٽيشن اسڪيم تحت جيڪي سهولتون برآمد ڪندڙن کي ملنديون رهيون، اهي به ختم ڪري ڇڏيون ويون جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته اسان جي پليسي سازي اندر ...

جيڪڏهن حڪومت مقامي هارين ۽ سپننگ انڊسٽري کي سپورٽ ڪرڻ چاهي ٿي ته پوءِ درآمدي يارن تي ٽيڪس لڳائڻ بدران ايڪسپورٽ انڊسٽري کي مقامي مارڪيٽ مان خريداري تي لڳل ٽيڪس ختم ڪري اهو قدم کڻبو ته مقامي ڌاڳي جي وڪري ۾ بهتري ايندي، ڪارخانيدارن کي سستو مال ملندو. ۽ سڀ کان اهم ڳالهه پاڪستان جون برآمدات وڌي سگهنديون اسان وٽ عام طور اهو سمجهيو ويندو آهي ته جيڪڏهن ڊالر مهانگو ٿئي ٿو ته ايڪسپورٽرن کي فائدو ٿئي ٿو پر اصل حقيقت بلڪل ابتڙ آهي. گذريل ڇهن سالن دوران ڊالر جي قيمت ۾ لڳ ڀڳ 300 سيڪڙو واڌ ٿي آهي ...

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي رفيق اعظم درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي فيض محمد ولد حسين بخش جيڪو تاريخ 2021-08-14 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي جي ڪاتي ديهه 317 ۾ زرعي زمين سندس ڪاتي ۾ داخلا ٿيل آهي جنهن جو فوتي ڪاتو بدلائي ڪري سندس جائز وارثن جي نالي ڪيو ويندو ته ڪو به اعتراض نه آهي فوتي جو ماءُ، پيءُ، ڏاڏو، ڏاڏي، نانو، ناني هڪ پٽ حسين بخش هڪ ڌيءُ فرح زال جنت فوتي جي فوت ٿيڻ کان اڳ فوت ٿي ويل آهن فوتي فوت ٿيڻ وقت هيٺ ڏنل تفصيل وارا زنده ۽ جائز وارث: (1) رفيق اعظم ولد فيض محمد (2) فرزانه بي بي ڌيءُ فيض محمد (3) نصرت ڌيءُ فيض محمد، فوزيه ڌيءُ فيض محمد مٿي ڏيکاريل وارثن کانسواءِ ٻيو ڪوبه وارث نه آهي علائقي جي ٻن معززين نالي (1) اشفاق احمد ولد خير محمد ٽالپور (2) اسلم ولد شفيع محمد پرڳڻي بيان پڻ ڏنو آهي انهيءَ ڪاتي بابت ڪنهن کي به اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر اسان جي آفيس ۾ اعتراض داخل ڪرائي، ٻي صورت ۾ وارثن جي نالي فوتي ڪاتوبدل ڪيو ويندو.

مختيارڪار ليند روينيو جهڪو

لاتعلقي جو اظهار

هر عام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪجي ٿو جيئن ته اسان ٻئي پيءُ ماءُ پنهنجي پٽ نالي احمد حسن ولد محمد حسن سان لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا اڄ کان پوءِ احمد حسن سان اسان جو ڪوبه تعلق نه آهي نه رهندو اگر ڪو به شخص يا ادارو نالي احمد حسن ولد محمد حسن سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو يا ڦلڙ ڦساد ڪندو ته ان سان اسان جو ڪوبه تعلق ...

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڪلري بگھاڙ ڊويزن ٺٽو

No.TC/G-55/1420 OF 2025 — Dated:10-12-2025

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

هيٺين ڪم جي خريداري لاءِ دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/ڪمپنين/فرمن کان معياري واڪ دستاويزن ((SBDs) تي SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق مهر بند ٽينڊر طلب ڪيا ويا آهن.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل لاڳت (ملين ۾)	واڪ سيڪيورٽي 5% ڪٿيل لاڳت	ڪانٽريڪٽرز ڪئٽيگري	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
01	ڪلري بگھاڙ ڊويزن ٺٽي ۾ 1 ڪي بي ايف لوئر سان گڏ اسڪيپ جي ريگيوليٽر جي گيٽن جي بحالي ۽ مائنر / ڊسٽرڪٽ جي گيٽن سميت.	185.608	9.280 ملين	C-4 ۽ مٿي	5000	24 مهينا

ٽينڊر جاري، کولڻ ۽ وصول ڪرڻ جو پروگرام:

سيريل نمبر	تفصيل	پهريون پيرو	ٻيون پيرو(موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)
01	اخبار ۾ اين آءِ ٽي جي اشاعت کان پوءِ درخواست جي وصولي ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ 12.00 وڳي منجهند تائين	31-12-2025	16-01-2026
02	ٽينڊر ٽيڪنيڪل واڪ منجهند 1:00 وڳي تائين واپس وصول ڪيا ويندا ۽ ڄاڻايل تاريخ تي منجهند 2:00 وڳي کوليا ويندا.	31-12-2025	16-01-2026

01- پروڪيورمينٽ جو طريقو:
(سنگل اسٽيج ٻه لفافا) (قومي مقابلي وارو واڪ).

02-قابليت/لازمي:

i. ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ: پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ هڪ ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ، جيڪو جون 2026 تائين يا بعد ۾ اثرائتو هوندو. PEC ضابطن جي مطابق CE04 ۽ CE10 ۾ اسپيشلائيزيشن جي شعبي سان.
ii. ساڳيو تجربو: ٺيڪيدارن يا فرمن کي ساڳئي نوعيت جي ڪم کي انجام ڏيڻ جو تجربو هجڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو ڪم جيڪو اندازي مطابق قيمت جو 80% هجي يا ٻه ساڳئي نوعيت جا ڪم جيڪي گذريل ٽن سالن ۾ انجام ڏنل اندازي مطابق قيمت جو 50% هجن.
iii. ڪمن جي فهرست: گذريل ٽن سالن ۾ ساڳين وضاحتن، نوعيت سان جاري ڪمن ۽ مڪمل ٿيل منصوبن جي فهرست، مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽن سان.
iv. مشينري ۽ سامان: دستياب مشينري ۽ سامان جي هڪ فهرست، جيڪا ملڪيت يا ڪرائي جي معاهدن جي دستاويزي ثبوتن سان سهڪاريل هجي.
v. ٽيڪس رجسٽريشن: انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان فعال رجسٽريشن (اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ)، گذريل 3 سالن جا انڪم ٽيڪس ريٽرن ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو کان ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ.
vi. سنڌ روينيو بورڊ رجسٽريشن: سنڌ روينيو بورڊ حڪومت سنڌ (SRB) کان فعال رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ۽ ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ.
vii. ٽرن اوور: گذريل پنجن سالن جو سالياني ٽرن اوور اندازي مطابق قيمت کان گهٽ نه هجي.
viii. آڊٽ رپورٽ: ڪنهن به رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل ٽن سالن جي آڊٽ رپورٽ.
ix. ٽيڪنيڪل تجويز: ٽيڪنيڪل تجويز جي هر صفحي تي واڪ ڏيندڙ يا مجاز شخص طرفان صحيح ۽ مهر لڳل هجڻ گهرجي.
x. واڪ سيڪيورٽي: سيني واڪن سان گڏ 5% جي بينڪ گارنٽي/ ڪال ڊپازٽ هجڻ گهرجي. پاڪستان جي هڪ شيڊيولڊ بينڪ کان 9,280,400 رپين جي اندازي مطابق رقم، ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ڪلري بگھاڙ ڊويزن ٺٽو جي حق ۾.
xi. عهدنامو: هڪ نئون حلف نامو (اصل) عهدنامو جيڪو:
➢ فرم/ڪمپني بليڪ لسٽ ٿيل ناهي يا ڪنهن به سرڪاري کاتي (وفاقي، صوبائي، پي اي سي) سان ڪنهن به قانوني ڪارروائي ۾ ملوث ناهي.
➢ واڪ ڏيندڙ نيب اختيارين سان پري بارگيننگ (PB) ۾ داخل نه ٿيو آهي.

ٽينڊر جمع ڪرائڻ جون هدايتون:

1. ٽينڊر دستاويز: ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڪلري بگھاڙ ڊويزن ٺٽي جي آفيس مان ٽينڊر فيس 5000 رپيا (ناقابل واپسي) جي ادائيگي تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. ان کان علاوه، واڪ دستاويز SPPRAجي ويب سائيٽ (https://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ڪلري بگھاڙ ڊويزن ٺٽي جي حق ۾ پي آرڊر جي صورت ۾ ٽينڊر فيس 5000 رپيا سان جمع ڪرائي سگهجن ٿا.
2. ٽينڊر کولڻ: عوامي طور تي کوليو ويندو جنهن ۾ حصو وٺندڙ ٺيڪيدارن/فرمن يا انهن جي نمائندن کي شرڪت ڪرڻ جو اختيار هوندو.

واڪ جمع ڪرائڻ جون گهرجون:

1. سنگل پيڪيج: ٻن الڳ لفافن سان گڏ هڪ پيڪيج جمع ڪرايو.
2. لفافي تي نشان لڳائڻ: هر لفافي کي "ٽيڪنيڪل تجويز" ۽ "مالي تجويز" طور واضح طور تي ٿلهي ۽ پڙهڻ واري لکت ۾ نشان لڳايو.
3. واڪ سيڪيورٽي: ٽيڪنيڪل واڪ سان گڏ بينڪ گارنٽي/ ڪال ڊپازٽ (ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ڪلري بگھاڙ ڊويزن ٺٽو جي حق ۾) شامل ڪريو.

ٽينڊر جي تشخيص جو عمل:

1. ٽيڪنيڪل تجويز جو جائزو: "ٽيڪنيڪل تجويز" لفافو کوليو ويندو ۽ ايس پي پي آر اي قاعدن جي بنياد تي ٽيڪنيڪل قابليت لاءِ جائزو ورتو ويندو.
2. ڪابه ترميم نه: تشخيص دوران ٽيڪنيڪل تجويز ۾ ڪا به تبديلي جي اجازت نه هوندي.
3. مالي تجويزن جو افتتاح: ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ فرمن جون مالي تجويزون بعد ۾ کوليون وينديون. قابليت رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي اڳواٽ اطلاع سان.
4. غير جوابدار واڪ: غير جوابدار واڪ ڏيندڙ جون مالي تجويزون بغير کولڻ جي واپس ڪيون وينديون.
5. واڪ سيڪيورٽي: ٽيڪنيڪل طور تي جوابده پر رد ٿيل واڪ ڏيندڙن جي بينڪ گارنٽي/ ڪال ڊپازٽ (وڌيڪ شرحن جي ڪري) ڪامياب واڪ ڏيندڙ کي ڪم آرڊر جاري ٿيڻ کان پوءِ واپس ڪئي ويندي.

واڪ جو جائزو ۽ جمع ڪرائڻ:

1. سڀ کان وڌيڪ فائديمند واڪ: سڀ کان وڌيڪ فائديمند سمجهي ويندڙ واڪ قبول ڪيو ويندو.
2. پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪورم: جيڪڏهن مقرر ڪيل افتتاحي تاريخ تي ڪورم پورو نه آهي، ته پوءِ واڪ ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا.
3. مڪمل دستاويز: ٽينڊر سيني گهربل دستاويزن ۽ معلومات سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجن. نامڪمل جمع ڪرائڻ تي غور نه ڪيو ويندو. ۽ آخري تاريخ کان پوءِ ڪو به دستاويز قبول نه ڪيو ويندو.
➢ جمع ڪرائڻ، پڇا ڳاڇا ۽ افتتاح جي جاءِ هيٺ ڏنل هنڌ تي هوندي: -
➢ ايڊريس ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي آفيس، ڪلري بگھاڙ ڊويزن ٺٽو.

واڪ رد ڪرڻ لاءِ شرطون ۽ ضابطا:

1. مشروط واڪ: ڪوبه مشروط اليڪٽرانڪ يا ٽيليگرافڪ واڪ/ ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو.
2. ناڪافي واڪ سيڪيورٽي: گهربل واڪ جي سيڪيورٽي جي رقم ۽ طريقي کانسواءِ واڪ رد ڪيا ويندا.
3. دير سان جمع ڪرائڻ: مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کانپوءِ وصول ٿيندڙ واڪ قبول نه ڪيا ويندا.
4. واڪ جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن تائين ڪارگر رهڻ گهرجن.
5. پروڪيورمينٽ اٿارٽي جي صوابديد: پروڪيورمينٽ اختيارين کي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل هيستائين) جي مطابق ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرن / واڪن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ڪلري بگھاڙ ڊويزن ٺٽو

INF-KRY.NO.4185/2025

i WORK FOR SINDH — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

ٺٽي ويجهو معمولي ڳالهه تان وڏي ڀاءُ ننڍي کي قتل ڪرڻ بعد پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ايوب ٻيليچي واسي لڏو ٻيليچو ۽ ننڍي ڀاءُ نصير سان ٻني ويا ته معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

لڏو ٻيليچو پسٽل جا فائر ڪري نصير ٻيليچو کي قتل ڪرڻ بعد پاڻ تي پسٽل جا فائر ڪري آپگهات جي ڪوشش ڪئي

زخمي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

ٺٽو(ڊ.ر) ٺٽي لڳ ڪي ڊي اي موري پرسان ڳوٺ ايوب ٻيليچي جا رهواسي 2 ڀائر گڏ زمين تي گهمي رهيا هئا ته ٻنهي ڀائرن ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو وڏي ڀاءُ لڏو ٻيليچو پسٽل جا فائر ڪري پنهنجي ننڍي ڀاءُ نصير ٻيليچو کي قتل ڪري ڇڏيو ڀاءُ کي قتل ڪرڻ بعد لڏو ٻيليچو پاڻ تي پڻ پسٽل جا فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو جتي هو به زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو وارثن

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر: ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف سجاڳ ڌرين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 17 هين ڏينهن به بک هڙتال جاري

مظاهرين الهرکيو کوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رکيو

ڪارونجهر جي تحفظ جي يقين دهاني ڪرائڻ تائين احتجاج جاري رهندو: مظاهرين

ننگرپارڪر(ن ع)ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو کوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي لاءِ سنڌ حڪومت طرفان آئيني عدالت ۾ داخل ڪرايل پٽيشن خلاف 17هين ڏينهن به بک هڙتال جاري رکي اڳواڻن چيو ته ڪارونجهر سموري ملڪ جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ مسجد ٻاهران موٽرسائيڪل چورائيندڙ ٻه جوابدار سوگها

ڳوٺ شجاع جکرو مان ڳوٺاڻي جاويد جي چابي چورڻ موٽرسائيڪل ڪاهي ويا

ڳوٺاڻن ڊوڙائي ڊوڙائي منصور ۽ امتياز خاصخيلي کي پڪڙي ڪٽڪي بعد پوليس حوالي ڪيو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور لڳ ڳوٺ شجاع جکرو ۾ جمع نماز ادا ڪرڻ لاءِ مسجد آڏو نمازي ڳوٺاڻي جاويد جکرو جي بيهاريل موٽرسائيڪل جا تالا ٽوڙي چوري ڪري ويا اطلاع تي وڏي تعداد ۾ ڳوٺاڻن نڪري ڇڻ ڇاڻ چابي چورڻ جو پيڇو ڪري ڊوڙائي ڊوڙائي ٻن چابي چور

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ بجلي ۽ گئس جي غيراعلانيه لوڊشيڊنگ جاري، شهرين سخت پريشان

رهواسين شاهنواز ڪلهوڙو، اسد الله ناريجو احسان الله پنهور ٻين احتجاج ڪيو

فوري طور تي بجلي ۽ گئس جي غير اعلانيه لوڊشيڊنگ ختم ڪرائي، رليف ڏنو وڃي

خيرپور(ڊ.ر)عبدالمجيد پنهور)خيرپور ۾ بجلي ۽ گئس جي غير اعلانيه لوڊشيڊنگ لڳاتار جاري آهي جنهن سبب شهرين کي شديد مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پئي رهيو آهي لوڊشيڊنگ سبب گهرن جا ڪم متاثر ٿي رهيا آهن ۽ ٻار ناشتي ڪانسواءِ اسڪول وڃڻ تي مجبور آهن سماجي اڳواڻن شاهنواز

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ناري واسي جوڙي ۽ پاڻڻي سميت سيشن ڪورٽ ٻاهران احتجاج

ڳوٺ ڳامڻ چانڊيو واسي محمد حسين چانڊيو ڌيءُ رضيه ۽ پاڻڻي حسينه سان گڏ احتجاج ڪيو

باثرن زمين تي قبضو ڪري ڌيءُ ۽ پاڻڻي کي اغوا جي ڪوشش ڪئي آهي، انصاف ڪيو وڃي: حسين

خيرپور(ڊ.ر) ناري تعلقي جي ڳوٺ ڳامڻ چانڊيو جي رهواسي محمد حسين چانڊيو پنهنجي ڌيءُ رضيه ۽ پاڻڻي حسينه سان گڏ سيشن ڪورٽ خيرپور ٻاهران احتجاج ڪندي ٻڌايو ته 9 سال اڳ هن طلاق يافته عورت مسمات زيب سان ڪشمور ۾ عدالت مان پسند جو پرڻو ڪيو هو جنهن جو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار پوليس جي ڪارروائي، هڪ ڦورو گرفتار، 7 موٽرسائيڪلون هٿ

اي سيڪشن پوليس ۽ رن فائيو مددگار جي اهلڪارن گڏيل ڪارروائي ڪئي

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ ڊي ايس پي سٽي سڪندر سميجو ايس ايڇ او اي سيڪشن عبدالوحيد پهنور انچارج مددگار پوليس سرمد ڪوسو ۽ الطاف رند گڏيل ميڊيا بريفنگ ڏيندي چيو ته اي سيڪشن ۽ مددگار پوليس جي محنت ۽ سيف سٽي ڪيمرا جي مدد سان موٽرسائيڪل چوري ۽

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هندو برادري پارٽي پارٽي بجاءِ واري وزير خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ماڻجهند تعلقي کي گئس ۽ ٻين بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف مظاهرو

لاڪا شهر ۾ قدرتي وسيلا جدوجهد ڪميٽي طرفان ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

لکي شاهه صدر کان ڀيانڻ مارچ ڪري ٻراڀي گئس ڪمپني جي گيٽ آڏو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان

ماڻجهند (ن ع) ماڻجهند پرسان لاڪا شهر ۾ قدرتي وسيلا جدوجهد ڪميٽي جامشورو طرفان تعلقي ماڻجهند کي گئس ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف ايس يو پي ضلع صدر جامشورو ۽ ڪميٽي ڪنوينر خدابخش

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: خان عبدالصمد اڇڪزئي جي حوالي سان تعزيتي سيمينار ۾ پشتون خواهه ملي عوامي پارٽي جا اڳواڻ شريڪ آهن

ڇيڙمين پاران ڏوهارين خلاف ڪارروائي

دوران زخمي ٿيندڙ خاتون ڊي ايس پي

پارس بکراڻي کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڏوهارين خلاف پوليس ڪارروائي دوران زخمي ٿيندڙ خاتون ڊي ايس پي پارس بکراڻي کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ۽ سندس بهادري، جرئت ۽ فرض شناسي کي ساراهيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري اسپتال ۾ علاج هيٺ ڊي ايس پي پارس بکراڻي جي جلد شفايابي لاءِ دعا پڻ ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته سنڌ پوليس جون بهادريون

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: پوليس کي مليل هيروئنچي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

شهدادپور لڳ ٺڳ پئسا ٻيڻا ڪرڻ بهاني

چوڪيدار کان لکين رپيا روڪ ۽ سون

کڻي ويا، متاثر جو احتجاج

شهدادپور(ن ع) شهدادپور جي نور آباد ڪالوني ۾ ٺڳ پيسا ٻيڻا ڪري ڏيڻ بهاني نور آباد ڪالوني ۾ چوڪيدار سرور کان 3 لک روڪ سونا زيور ٺڳي ڪري فرار ٿي ويو چوڪيدار موجب سموري زندگي جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ برسات دوران گهر جي ڇت

ڪرڻ سبب دٻجي فوت ٿيل نوجوان جي

بيواه کي 20 لکن جو چيڪ ڏنو ويو

ٽنڊوباگو(ٽ ر) ٽنڊوباگو ۾ گذريل برسات ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب دٻجي فوت ٿيل ٽنڊوباگو شهر جي ڳوٺ گلو خاصخيلي جي نوجوان عاشق علي پٽ ساوڻ خاصخيلي جي بيواه لاءِ سنڌ حڪومت پاران موڪليل 20 لک رپين جو امدادي چيڪ ٽنڊوباگو مان چونڊيل ايم پي اي ارباب امان الله، چيئرمين ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو خان صاحب جمالي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوباگو ثناءُ الله صدر ميمڻ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ضلعي خيرپور ۾ پوليو جي خاتمي بابت

مهم 15 کان 21 ڊسمبر تائين جاري

رهندي: ڊپٽي ڪمشنر

خيرپور(ڊ.ر) ضلعي خيرپور ۾ پوليو جي خاتمي بابت مهم 15 ڊسمبر کان 21 ڊسمبر تائين جاري رهندي ان ڏس ۾ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر سيد مسرور

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور

جي ملازمن پاران 14ڏينهن به

مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جاري

خيرپور(ڊ.ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ امپلائيز ايسوسيئيشن جي ملازمن پاران 14ڏينهن به مطالبن جي مڃتا لاءِ ايڊمن بلاڪ آڏو ڪئمپ لڳائي احتجاجي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ واٽر ٽينڪر

موٽرسائيڪل سوار نوجوان کي

چيڀاٽي ماري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ڪراچي ۾ سرجاني ويجهو واٽر ٽينڪر موٽرسائيڪل سوار کي چيڀاٽي ڇڏيو فوت ٿيل جي سڃاڻپ 17 سالن جي شاگرد عابد جي نالي سان ٿي آهي ريسڪيو عملدارن موجب حادثي وقت عابد پنهنجي ڪيمپس ڏانهن

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ گهر اندرا

هڪ شخص جو ڦاهو

لڳل لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ڪراچي سيڪٽر 5 سي 2 ٻيلا اسڪول جي ويجهو گهر مان ڦندو ٻڌل 45 سالن جي عارف پٽ رمضان جو لاش مليو اطلاع تي ڇيپا ايمبولينس پهچي فوتي جو لاش قانوني

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: نيشنل ڪائونسل آف آرٽس ۾ هڪ ناري خطاطي جي نمائش ڏسي رهي آهي

ڪنڊيارو لڳ تيز ڇوپائي مال سان ڀريل رفتار ٽرالر ڪلٽي، 150 ڪان ٻرر مري ويا

قومي شاهراهه تي لاهور ويندڙ ٽرالر ڪلٽي ٿيڻ سبب 150 رڍون ۽ ٻڪريون مري ويون

ڪنڊيارو(ن ع) ڪنڊيارو قومي شاهراهه تي تيز ڇوپائي مال سان ڀريل رفتار ٽرالر ڪلٽي ٿي پيو جنهن سبب ٽرالر ۾ ويٺل 150 کان مٿي رڍون ۽ ٻڪريون مري ويون ٻڌايو پيو وڃي ته ٽرالر ۾ حيدرآباد کان لاهور وڃي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم مان مبينه نشو ڪندڙ هيروئنچي جو لاش هٿ، وارثن جي ڳولا

پوليس بائيو ميٽرڪ ذريعي سڃاڻپ ميرپورخاص واسي ارشد پٽ يعقوب طور ڪئي

خبر فائل ٿيڻ تائين فوتي جي وارثن جو پتو پئجي نه سگهيو، لاش تعلقي اسپتال پهل

ٽنڊو آدم (ن ع) ٽنڊو آدم جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد نيو سٽي گيٽ ويجهو مبينه طور هيروئن جي عادي نوجوان جو لاش هٿ آيو اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي سڃاڻپ لاءِ تعلقا اسپتال آندو جتي بائيوميٽرڪ ذريعي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز سماجي اڳواڻ ڪاشف ٻوهيو جو ڀاءُ روڊ حادثي ۾ فوت

سڏوجا ٻاءِ پاس تي ٽرالر سان ٽڪر ٿيڻ سبب واصف علي ٻوهيو ٿڏي تي دم ڏنو

آخري رسمن ۾ ضلعي چيئرمين سهيل اختر عباسي سميت سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

نوشهرو فيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه)سينئر وڪيل ڪاشف ٻوهيو ۽ ڊاڪٽر عارف ٻوهيو جو ننڍو ڀاءُ واصف علي ٻوهيو روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿي ويو ته نوجوان واصف علي ٻوهيو مورو کان نوشهرو فيروز اچي رهيو هو ته سڏوجا ٻاءِ پاس تي ٽرالر سان زوردار ٽڪر ٿيڻ سبب واصف علي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: ايم پي اي ارباب امان الله امدادي چيڪ ورهائي رهيو آهي

حيدرآباد لڳ هارين ۽ زميندارن جو ڪاٽن مل مالڪن پاران رقمون نه ڏيڻ خلاف مظاهرو

هٽڙي ٻاءِ پاس تي قائم ڪاٽن مل جي مالڪن خلاف مل جي گيٽ سامهون احتجاج ڪيو ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ڀهراڙي سان تعلق رکندڙ هارين ۽ زميندارن هٽڙي ٻاءِ پاس تي قائم ڪاٽن مل جي مالڪن پاران رقمون نه ڏيڻ خلاف مل جي گيٽ سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري دوران ڪاٽن مل جا دروازا بند ڪيا ويا احتجاج ڪندڙ نعريبازي ڪري رهيا هئا

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪمشنر پو پوليو ٽيمن جي جاري اوريئنٽيشن سيشن جو جائزو ورتو

ضروري آهي ته مهم جون سڀ ذميواريون ٺيڪ طرح سان سمجهي ڪري ادا ڪجن: ڪمشنر

سکر ڊويزن ۾ هلندڙ مهيني جي پوليو مهم 15 ڊسمبر کان 21 ڊسمبر تائين جاري رهندي

سکر (بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي ضلعي صحت آفيسر سکر ڊاڪٽر علي گل شاهه سان گڏجي نئون ڳوٺ جي ڪلينڪ تي پوليو ٽيمن جي جاري اوريئنٽيشن سيشن جو جائزو ورتو ۽ سيشن ۾ شرڪت پڻ ڪئي انهيءَ موقعي تي ڪمشنر سکر پوليو ٽيمن کي مخاطب ڪندي چيو ته 15 ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ پوليو خلاف قومي مهم کي قومي فرض

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

منهنجي جدوجهد هر مظلوم جي انصاف جي جنگ آهي: ام رباب چانڊيو

سردارن کي سزا ملندي ته هو هزارين ڀيرا ڪنهن جو گهر اجاڙڻ کان پهرين سوچيندا

مان ظلم خلاف سر تي ڪفن ٻڌي بيٺي آهيان، عدالت ضرور انصاف ڪندي

دادو(ڊ ر) ام رباب چانڊيو جي ڪن گهر ڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، ام رباب چانڊيو جي والد، ڏاڏي ۽ چاچي جي ڪن قتل ڪيس جي ٻڌڻي 7 ڪلاڪ جاري رهڻ بعد 19 ڊسمبر تائين ملتوي ڪئي وئي، ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ مدعي پرويز چانڊيو ۽ ام رباب چانڊيو وڪيل سان گڏ پيش ٿيا، جڏهن ته ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ايم پي اي برهان خان چانڊيو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

دادو: ام رباب عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سڳيون مان چور پورهيت جي

ڪيبن جا تالا ٽوڙي روڪ رقم

۽ سامان ڀهاري ويا

سڳيون(ن ع) سڳيون شهر اندر گذريل رات محمود چنا ٿاڻي جي بلڊنگ پرسان غلام حسين ڪلهوڙو جي ڪيبن جا

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ پوليس جي مبينا

مقابلي بعد ٻن زخمين سميت

3 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو. پوليس موجب نامعلوم موٽر سائيڪل سوارن کي روڪڻ جو اشارو ڪيو ته هٿياربند جوابدارن فائرنگ شروع ڪري ڏني، جنهن تي پوليس به جوابي ڪارروائي ڪئي. مقابلي دوران ٻه جوابدار عاشق علي ۽ آفتاب زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا، جڏهن ته هڪ جوابدار تعليم علي کي بغير زخم جي حراست ۾ ورتو ويو. پوليس

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ونٽري ليبارٽري جي 35 ڊورن لاءِ 9 لک روپين جو لوڻ خريد ڪرڻ جو انڪشاف

مينهن، ٻڪرين ۽ رڍن کي چاري سان گڏ ڪارائڻ لاءِ 9 لک روپين جو لوڻ خريد ڪرڻ جو ٺيڪو ڏنو ويو

جانورن لاءِ لوڻ سپلاءِ ڪرڻ جو ٺيڪو ونندڙ به ساڳئي ئي کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جو ڀاءُ نڪتو

سي وي ڊي ايل جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر رفيق ميمڻ پاران ٺيڪو جاري ٿيڻ کان لاعلمي ظاهر

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام ۾ قائم سنڌ جي واحد سينٽرل ويٽرنري ريسرچ ۽ ڊائگنوسٽڪ ليبارٽري ڊائريڪٽوريٽ جي 35 ڊورن لاءِ 9 لک روپين جو لوڻ خريد ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. مينهن ٻڪرين ۽ رڍن کي چاري سان گڏ ڪارائڻ لاءِ 9 لک روپين جو لوڻ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان ڳوٺ صدورو خان جانوري جي رهواسين جو مظاهرو

ٽريفڪ وڌڻ ڪري ايڪسيڊنٽ ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويا آهن: رهواسي

اسان ڪيترائي ڀيرا ڊي سي خيرپور سميت ٻين وارن کي لکت ۾ درخواستون ڏنيون آهن

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان ڳوٺ صدورو خان جانوري جي رهواسين جانوري برادري جي سوين ماڻهن احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ به يونيورسٽيون ٺهڻ ڪري روڊ ڊبل ٿيڻ ڪري ٽريفڪ وڌڻ ڪري ايڪسيڊنٽ ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويا آهن جنهن ڪري اسان جا معصوم ٻار شهيد ٿيڻ جنگهون باهون پڄڻ معمول بڻيل آهي مظاهرين

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

مٺي سول اسپتال ۾ ڊي سي پاران پوليو مهم جو افتتاح

پوليو مهم دوران انتظام مڪمل ڪيا وڃن: عبدالحليم جاگيراڻي

مهم دوران هر گهر تائين پهچي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا ذميواري سان پيارا وڃن

مٺي (ڊ-ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي سول اسپتال مٺي ۾ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياري ضلعي ٿرپارڪر ۾ 15 ڊسمبر 2025 کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر صحت کاتي جي عملدارن ۽ پوليو مهم ورڪرن کي هدايت ڪندي چيو ته پوليو مهم دوران انتظام مڪمل ڪيا وڃن پوليو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٺٽي جي ساحلي پٽي ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي

ڳاڙهو ٻاءِ پاس تي دم دستگير رائيس مل اندر 3 هٿياربندن داخل

سونا زيور، ڪيش رقم، موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا

ڳاڙهو(ن ع) ضلعي ٺٽي جي ساحلي پٽي ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي ڳاڙهو ٿاڻي جي حد ڳاڙهو ٻاءِ پاس تي دم دستگير رائيس مل اندر 3 هٿياربندن داخل ٿي رائيس مل جي آفيس ۾ ويٺل اسٽاف کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي وٽان سونا زيور، ڪيش رقم موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا ڳاڙهو ٻاءِ پاس تي دم دستگير رائيس مل اندر ٿي هٿياربند داخل

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: لطيف آباد ۾ مزدور نارنگين جي ڇانٽي ڪري رهيا آهن

دادو: شاگردن وچ ۾ والي بال ميچ ٿي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ دڪان جا شيشا ٽوڙيندڙ ذهني مريض کي تشدد بعد ٿڃي ڇڏيو ويو

ٻڌل نوجوان پاڻ کي آجو ڪرائڻ لاءِ رڙيون ڪيون3 ڪلاڪن بعد پوليس ڪيس ٿاڻي آندو

نوجوان ايمرجنسي الڳ الڳ ٻڌائي رهيو آهي، ڪيس اسپتال منتقل ڪنداسين: پوليس

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان شهر جي ليبارٽري جي ٻاهران ذهني توازن درست نه هجڻ جي ڪري 30 سالا نوجوان پٿر ڪڻي شيشا ٽوڙي ڇڏيا جنهن تي ليبارٽري جي ملازمن مٽس حملو ڪري مارڪٽ ڪرڻ ڪانپوءِ رسي سان ٿنڀي ۾ ٻڌي ڇڏيو، ٿنڀي ۾ ٻڌل نوجوان 3 ڪلاڪن تائين پاڻ کي آجو ڪرائڻ لاءِ رڙيون ڪري رهيو هو پر روڊ تان گذرندڙ راهگيرن سندس تماشو ڏسي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: شهر ۾ ليبارٽري جا شيشا ٽوڙڻ جي الزام ۾ جهليل جوابدار موبائيل ۾ ويٺل آهي

پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان جي سي

يونيورسٽي حيدرآباد جي وائيس چانسلر

طور عهدو سنڀالي ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد جي وائيس چانسلر طور باضابطه طور تي عهدو سنڀالي ورتو آهي. ان کان اڳ، پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان ڪراچي يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف انوائرمينٽل اسٽڊيز جي ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيا

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ لڳ صاف پاڻي جي آر او پلانٽ جو افتتاح ڪيو ويو

ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ڳوٺ ڳوڙاڻو ۾ پلانٽ جو افتتاح ڪيو

پلانٽ ۾ روزاني 25,000 گيلن ٺهندو، پورو ڳوٺ ان مان فائدو حاصل ڪندو: مهيش ملاڻي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي ٻجير) ڳوڙاڻو ڳوٺ جي مقامي آباديءَ لاءِ محفوظ ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي تائين رسائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ميگهواڙ پاڙي ۾ آر او پلانٽ تعمير ڪيو ويو آهي جنهن جو باضابطه طور افتتاح ڪيو ويو هن پلانٽ جي روزاني پيداوار جي گنجائش 25,000

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر لڳ پل جي سهولت نه هجڻ سبب فوتي جو مڙهه ڳوٺاڻا عارضي پل تان کڻڻ تي مجبور

سعيد آباد واهه تي پڪي پل نه هجڻ ڪري علي شير ملڪ ڳوٺ لڳ لاش کڻڻ جي ڳوٺاڻن جي وڊيو وائرل ٿي وئي

ڏنيا چنڊ ڪان اڳتي قدم رکڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، اسان محفوظ پل جهڙي بنيادي سهولت کان به محروم آهيون: رهواسي

واهه تي فوري طور پڪي پل تعمير ڪرائي علائقي رهواسي جي سفري تڪليفن ۽ ڏکائين کان نجات ڏياري وڃي

خانپور مهر(ن ع) سعيد آباد وٽ علي شير ملڪ ڳوٺ جي علائقي ۾ واهه تي پڪي پل نه هجڻ سبب هڪ ڏکيو ۽ افسوسناڪ منظر سامهون آيو جنهن ۾ فوتي شخص محبت ملڪ جو مڙهه ڳوٺاڻن وڏي تڪليف ۽ خطري سان ڪاٺ جي ٺهيل عارضي پل تان گذاري ۾ واري قبرستان ڏانهن منتقل ڪيو سوشل ميڊيا تي وائرل وڊيو ۾ صاف ڏسي سگهجي ٿو ته ڳوٺاڻا مڙهه کي هڪ تمام ڪمزور ڪاٺي جي پل تان کڻي پيا وڃن جتي هر قدم خطري

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ماڻجهند: گئس ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

باڊهه جي پورهيت اڳواڻ قاسم

چنه جي امڙ دل جو دوڙو پوڻ

سبب وفات ڪري وئي

باڊهه (ن ع) باڊهه جي پورهيت اڳواڻ قاسم چنه جي والده دل جو دوڙو پوڻ سبب وفات ڪري وئي، جنهن جي جنازي نماز درگاهه شريف واري عيدگاهه ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن زيب علي ساريو عزيز بروهي، پرويز عاشق ڦلپوٽو مفتي نصير احمد پتي مولانا محمد عارف گوڏرائي جاويد احمد گوڏرائي شمس پنهور اصغر نوناري، منور نوناري، مولا بخش ڦلپوٽو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سيدارجا: کهاڙي جا ڌڪ لڳڻ سبب زخمي ٿيل ڳوٺاڻو اسپتال ۾ داخل آهي

خيرپور ويجهو ڇاچين ڪي ڪٽي ويندڙ بس ڪلٽي، 10 کان وڌيڪ ڇاچي زخمي

قومي شاهراهه تي ٽنڊو مستيخي لڳ ڪوهيڙي سبب بس ڪلٽي ٿي پئي

اطلاع تي پوليس پهچي زخمين کي ريسڪيو ڪري گمس اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور(ڊ.ر) خيرپور پرسان قومي شاهراهه تي ٽنڊو مستيخيءَ لڳ سخت ڪوهيڙي سبب ڪنڌڪوٽ کان مورو ويندڙ ڇاچين جي بس واپسي دوران ڪلٽي ٿي وئي، جنهن سبب عورتن ۽ ٻارن سميت ڪيترائي ڇاچي زخمي ٿي پيا حادثي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ اين آءِ سي وي ڊي جي ملازم ڊاڪٽرن پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ مظاهرو

ملازمن ڊاڪٽر اقرار حسين سولنگي، ڊاڪٽر شمس سومرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪيترن ئي عرصي کان پروموشن، الائونس ۽ هيلٿ انشورنس ڪارڊ جاري نٿو ڪيو وڃي

خيرپور(ڊ.ر)خيرپور اين آءِ سي وي ڊي جي ملازم ڊاڪٽرن طرفان جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ اين آءِ سي وي ڊي ٻاهران احتجاجي مظاهرو مظاهري جي اڳواڻي ڊاڪٽر اقرار حسين سولنگي، ڊاڪٽر شمس سومرو، ڊاڪٽر حامد مهر، ڊاڪٽر عادل رسول، ڊاڪٽر ناظم ميتلو ۽ ٻيا ڪري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران قتل

ڪيس ۾ گهربل چار جوابدارن

کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ.ر) خيرپور پوليس جي اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي قتل ۾ ملوث 2 روپوش جوابدار گرفتارايس ايڇ او ٿاڻو شاهه لطيف طارق علي چنا پنهنجي اسٽاف سان گڏ لونگ فقير لنڪ روڊ تي اسنيپ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ اغوا ٿيل شاگرد عمران سابقي بازياب نه ٿيڻ تي نامعلوم تي ڪيس داخل

والد ڪريم بخش سابقي جي فرياد تي ٽن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ايس ايس پي روحل خان کوسو نوٽيس وٺندي شاگرد جي بازيابي لاءِ ٽيمون جوڙي ڇڏيون

مورو (ن ع) مورو پرسان قمرالدين چانڊيو ٿاڻي جي حد مان اغوا ٿي ويل مهراڻ ڊگري ڪاليج مورو جو شاگرد عمران سابقي بابت اڄا سوڌو ڪو ڏس پتو نه ملي سگهيو3ڏينهن گذرڻ باوجود نوجوان بازياب نه ٿي سگهيو آهي نوجوان جي والد ڪريم بخش سابقي جي فرياد تي ٽن نامعلوم

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ نوجوان پاران

آپگهات ڪرڻ جي

ڪوشش اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 25 سالا نوجوان چيتن ولد ڪانجي ڪولهي گهرو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور ۽ ڀرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، هٿياربند واپاري کان رقم ڦري ويا

راهوڪي ويجهو موٽرسائيڪل سوار ٻيوپاري ويٺل منشي ٻيمون کان رقم ۽ سامان ڦري فرار

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور ٿاڻي جي حد ۾ چورن ۽ ڦورن ترتيائي ڇڏيو چوريون ڦورون روز جو معمول بڻجي ويون شهري توڙي ٻهراڙيون غير محفوظ بڻجي چڪيون راهوڪي ويجهو واپاري کان

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ هڪ شخص ڦاهو ڪائي

آپگهات ڪري ڇڏيو، وارثن پاران پوليس

ڪارروائي ڪرائڻ کان انڪار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گبول ٽائون ۾ فيڊرل بي ايريا بلاڪ 22 شفيق ڪالوني ۾ گتا فيڪٽري جي ويجهو هڪ شخص جو لاش مليو جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڦاهو لڳل هو. فوتي جي لاش کي ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب فوتي جي سڃاڻپ 33 سالن جي تنوير احمد پٽ محمد بشير جي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ وڌندڙ بدامني ڦر جي وارداتن خلاف سيلزمين جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين زاهد ڪوڪر، شهزاد ناهيو، فياض ميمڻ، آفتاب ميربحر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سيلزمين کي تحفظ ڏنو وڃي نه ته صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ٺٽو(ڊ.ر) ٺٽي ۾ وڌندڙ بدامني ڦر جي وارداتن خلاف ٺٽي جي مختلف ايجنسين جا سيلزمين مين شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان ڏس ۾ مختلف ايجنسين جي سيلزمين زاهدڪوڪر شهزاد ناهيو فياض

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ گهر اندر لهيل گودام ۾ باهه

لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيل شخص

علاج دوران فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان بازار جي علائقي اورنگي ٽائون ۾ سيڪٽر ساڍا 11 ۾ مهاجر چوڪ جي ويجهو آڳاري جي شام جو گهر ۾ باهه لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيندڙ 35 سالن جو خرم ولد اختر حسين رات جو دير سان سول اسپتال جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5



هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.